صحبت سپيرين جي

ترجمو

صحبت نامه (فارسي)

ملفوظات شريف

امام العارفين حضرت پير سائين روضي ڌڻي

قَدَّسَ اللّٰهُ سِرَّهُ الۡعَزِيزَ

جامع

حضرت خليفو محمد حسين مهيسر عليه الرحمة

مترجم

مفتي عبدالرحيم سڪندري

ڪتاب جو نالو: صحبت سپيرين جي
ترجمو ”صحبت نامه“ (فارسي)
موضوع: ملفوظات پير سائين روضي ڌڻي
ليکڪ: خليفو محمد حسين مهيسر
سنڌيڪار: مفتي عبدالرحيم سڪندري
ڪمپوزنگ: عبدالرحيم نظاماڻي
ڇاپيندڙ: مڪتبہ مجدديہ (www.maktabah.org)
سال: 2015

مقدمو

حضرت امام العارفين محبوب سبحاني قطب يزداني پير دستگير سيد محمد راشد قادري نقشبندي عرف پير سائين روضي ڌڻي ﷺ جن سنڌ جي هڪ عظيم هستي آهن. سندن فيض ۽ ارشاد جي سرهاڻ اڄ به سڄي سنڌ ۾ محسوس ڪئي وڃي ٿي. سندن فيوض و برڪات جي هڪ بي بها نشاني سندن ملفوظات شريف آهن، جيڪي سنڌيءَ جي ڪلاسيڪل صوفي ادب ۾ هڪ اهم حيثيت رکن ٿا. جيئن شاعريءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ﷺ جن جو ڪلام آهي، تيئن نثر ۾ پير سائين جن جا ملفوظات شريف آهن. سندن ملفوظات شريف ٻن خليفن گڏ ڪيا. وڏي ملفوظات شريف سندن خليفه اعظم خليفه محمود نظاماڻي ﷺ جن سندن وصال کان 14 سال پوءِ بنام مجمع الفيوضات (فارسي) گڏ ڪئي، جنهن ۾ سورنهن باب ۽ ٻه هزار کان ڪجهه مٿي نقل آهن. ان ۾ مصنف سميت ڪيترن ئي راوين کان روايتون موجود آهن. ٻي ملفوظات شريف ننڍي خليفي محمد حسين مهيسر ﷺ جن پير سائينؒ جن جي حياتي مبارڪ ۾ سندن ئي صحبت ۾ ويهي لکي، جنهن ۾ صرف خليفي صاحب جي زباني نقل آهن. ٻئي ڪنهن راوي جي روايت هن ملفوظات ۾ شامل ڪانهي. خليفه محمد حسينؒ پير سائينؒ جن جا ارشادات گرامي لکي، پوءِ کين پڙهي ٻڌائيندا هئا ۽ جنهن ڪري هي ملفوظات مبارڪ نالي "صحبت نامه" جيڪا فارسي ۾ لکي وئي، صحت جي اعتبار کان سڀ کان وڌيڪ مستند ۽ معتبر آهي. هي ملفوظات شريف مجمع الفيوظات کان گهڻي مختصر آهي ۽ صرف 83 نقلن تي مشتمل آهي-

"صحبت نامه" (فارسي) جو سنڌي ترجمو جناب علامه مفتي عبدالرحيم سڪندري صاحب "صحبت سپيرين جي" جي نالي سان ڪيو آهي، جيڪو سڀ کان پهريان 1994ع ۾ پريس مان ڇپجي پڌرو ٿيو. جلد ئي ان جي ختم ٿي وڃڻ جي ڪري ٻيو ڇاپو نڪتو جيڪو في سبيل الله تقسيم ڪرڻ جي لاءِ هيو. هن جي طلب ۾ اضافي جي ڪري عين ممڪن آهي ته اهو ٻيو ڇاپو پڻ عنقريب ختم ٿي ويندو. انهيءَ ڪري هن عاجز ارادو ڪيو ته مڪمل ڪتاب مان صرف ملفوظات

گرامي ٽائيپ ڪري هڪ مختصر رسالو تيار ڪيو وجي، جيڪو انٽرنيٽ تي شايع ڪيو وجي. انهيءَ ڪوشش ۾ هي مختصر رسالو تيار ٿيو آهي، جنهن ۾ مڪمل 83 ملفوظات شريف شامل آهن ۽ ضروري فوٽ نوٽ پڻ ڏنا ويا آهن. انٽرنيٽ تي شايع ڪرڻ سان گڏ، هي عاجز ان جون پرنٽ ڪاپيون مفت تقسيم ڪري رهيو آهي. جيڪي به دوست هي رسالو پڙهن، تن کي عرض آهي ته هن عاجز کي پنهنجين دعائن سان نوازين. دعا آهي ته شال الله تبارڪ و تعاليٰ هن فقير جي هي حقير ڪوشش صاحبِ ملفوظات جي برڪت سان قبول فرمائي ۽ اسان سڀني کي سندن فيوض و برڪات سان مستفيض فرمائي. آمين!

عبدالرحيم نظاماڻي
اڱارو، 16 مئي 2006ع

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الحمد للّٰه الّذي نور قلوب العاشقين بانوار المحبة والصلوة والسّلام علیٰ سيّدنا محمّد خير الخليقة وعلیٰ آله وصحبه النجباء الكرام البررة اجمعين.

امّا بعد!

1. هڪ ڏينهن ماويٰ و ملجائي درماندگان حضرت پير دستگير **ادام اللّٰه** ارشاده جن جي زبان دُرافشان مان هن طرح ٻڌڻ ۾ آيو ته مريد کي جڳائي ته جيڪو به نڪتو پنهنجي مرشد جي زبان گوهر افشان مان ٻڌي ته ان کي وحيءَ وانگر ڄاڻي لکي ڇڏي. اميد آهي ته انهن برڪت ڀرين لفظن جي طفيل (اهو مريد) بي بها نعمت ۽ اعليٰ درجي کي پهچندو. انهيءَ سبب جي ڪري جڏهن هن فقير (ليکڪ) معرفت جي درياهه ۾ ٽٻين هڻندڙ عزت وارن بزرگن ۾ چونديل جو ڪلام، جيڪو ڇڻڪه مثل هڏن کي جيارڻ هيو، سندن ئي مبارڪ زبان فرحت نشان مان ٻڌو ته ان کي مٿئين فيض واري فرمودي موجب هن هنڌ لکي ڇڏيو.

2. هڪ وقت ساداتن سڳورن مان هڪ شخص، حضرت پير دستگير جن جي خدمت بابرڪت ۾ عرض ڪيو ته: اي حقيقت واري واٽ جا مالڪ ۽ ولايت جي ملڪ جا والي! هي ڏڪايل ٻانهو اوهان کي پرتل آهي. ان جي جواب ۾ (ڪيس) ارشاد فرمايائون ته: ڪنهن شخص هڪ واٽ ويندي بزرگ کي دعوت کائڻ لاءِ عرض ڪيو. ان بزرگ چيو ته مون ساڻ هڪ گڏهه به رفيق آهي، متان اوهان جي هٿان ان جي خدمت نه ٿي سگهي! ميزبان، پاڻ تي قسمين قسمين ڪاڏي پيتي ۽ گاهه داڻي ڏيڻ کي مقرر ڪيو. ان فقير ميزبان جي چوڻ تي اعتبار ڪري، توڪل واري واٽ، جيڪا انسان لاءِ مضبوط رسي آهي، ان کي

چڏي ڏنو ۽ حق سُبحانهٗ و تعالىٰ کان سواءِ غير تي ڀروسو ڪري ويهي رهيو. جڏهن رات ٿي ته الله جل شانهٗ و تعالىٰ ان جي دل تان غير تي ڀروسي ڪرڻ جي غيرت سببان، گڏه جي خدمت ڪرڻ (واري ڳالهه) وسا رائي ڇڏي. جيئن حضرت يوسف **صلواة الله تعالىٰ عليه** ساقيءَ کي عزيزِ مصر اڳيان پنهنجي حال پيش ڪرڻ لاءِ چيو هو ۽ حق سبحانهٗ و تعالىٰ ان ساقيءَ جي دل تان، تمام گهڻو وقت اها ڳالهه وسا رائي ڇڏي هئي، جيئن اهو قصو مشهور آهي. صبح جو موڪلائڻ وقت اهو بزرگ جڏهن گڏه تي سوار ٿيو ته گڏه ساري رات جي سخت اڃ ۽ بک سببان بيحال ٿي ڪري پيو. اهو مثال انهن بي دين ۽ رسمي پيرن مشائخن جو آهي، جيڪي (نذرانن ۽ تحفن) وٺڻ لاءِ ته محڪم ۽ مستقيم هوندا آهن، (مگر) دين جي دڳ کان دور ۽ روڪيل هوندا آهن. جيڪي ماڻهو اهڙن بي دينن کي هديا ۽ خيراتون ڏين ٿا ، اهي وري انهن لاءِ دعائون گهري، قيامت جا بار پاڻ تي کڻي انهن کي آسرا ڏئي چون ٿا ته توهان اطمينان ڪريو جو اسان توهان کي سوال جواب وقت آزاد ڪرائينداسون. سو انهن جو مثال به ان گڏه واري مثال جهڙو آهي. اهي به گهڻين ڀٽاڪن جي ڪري قيامت جي ميدان ۾ ڪريا پيا هوندا جو (الله سُبحانهٗ و تعالىٰ جو فرمان ڇڏي) غير جي چئي تي ڀروسو ڪري الله تعالىٰ جي ذڪر فڪر کان غافل ۽ سست ٿا ٿين. جيئن رسول خدا **صلَّى الله تعالىٰ عليه وسلّم** جن جو فرمان آهي: **اَنَا غَيُورٌ وَاللّٰهُ اَغْيَرُ مِنِّي**[1]. يعني آئون غيرت وارو آهيان ۽ الله تعالىٰ مون کان وڌيڪ غيرت وارو آهي.

رباعي

تکيه بر ديوار کردم برسرم افتاد خاک

خاک بادا برسرش کو تکيه بر غيري کند

[1] مٿين حديث لفظن جي ٿوري ڦيرڦار سان حضرت ابوهريره ۽ حضرت مغيره رضي الله عنهم کان مشڪوات شريف جي باب اللعان فصل اول، صحيح مسلم جلد اول، ۽ المستدرڪ للحاڪم جلد رابع ۾ موجود آهي.

برسر ديدم جهان را هيچ کس غمخوار نيست

آزمودم هر کسي را جز خدايم يار نيست

ترجمو: پٽ تي ٽيڪ ڏنم ته مٿي تي مٿي ڪري پئي، جيڪو غير تي پروسو ڪري ان تي شال مٿي پوي. سارو جهان ڏٺم (مگر) ڪوبه غمخوار ڪونهي، هر هڪ آزمايو اٿم خدا تعالىٰ کان سواءِ ڪوبه مددگار ڪونهي.

ان کان پوءِ ان سيد صاحب کي فرمايائون ته: وسواس نه ڪجو، ڇو ته مون هي نصيحت بموجب فرموده ڪلام الله "وَاَنْذِرْ عَشِيرَتَكَ الْاَقْرَبِينَ۝[1]" جي اوهان کي ڇئي آهي ۽ اوهان وس آهر ڪوشش ۾ مشغول رهو ڇو ته: "اَن لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعىٰ۝[2]" يعني انسان جي وس ۾ صرف ڪوشش ڪرڻ آهي. ۽ ٻئي هنڌ الله تعالىٰ جو فرمان آهي ته "فَاسْعَوْا اِلىٰ ذِكْرِ اللّٰهِ[3]" يعني الله جل شانهٗ و تعالىٰ جي ذڪر ڏانهن ڊوڙو (سندس يادگيريءَ لاءِ ڪوشش ڪريو)، تنهن ڪري ان جي يادگيريءَ ۾ مشغول هجو.

3. هڪ ڏينهن واعظ ۽ نصيحت فرمائڻ ۾ مشغول هيا. گفتگو هلندي فرمايائون ته عارفن کي هر قسم جي سمجهه عطا ٿيل آهي. جيئن هڪ قصو آهي ته هڪڙي بادشاهه پنهنجي ماڻهوءَ کي حضرت بهلول دانا رحمة الله عليه طرف امتحان وٺڻ خاطر ٽن سوالن پڇڻ لاءِ موڪليو. پهريون ته درويشيءَ جو حال ڪيئن هوندو آهي. ٻيو ته جڏهن هر شيءِ خدا تعالىٰ جي طرفان تقدير ۾ لکيل آهي ته پوءِ خدا تعالىٰ ڪنهن گناهه وغيره جي ڪري ڇو ٿو مواخذه فرمائي؟ ٽيون ته ابليس عليه اللعنة جڏهن باهه جي پيدائش آهي ته پوءِ باهه جو عذاب ان کي ڇا ڪندو؟

---

[1] اها آيت سورة شعراء جي نمبر 214 آهي جنهن جي معنىٰ آهي ته "۽ پنهنجن ويجهن عزيزن کي ڊيڄار."

[2] سورت النجم آيت نمبر 39

[3] سورت جمعة آيت نمبر 9

ان سوال ڪندڙ شخص کي حضرت ٻهلول رحمة الله عليه هڪ پٽ ڪٽي زور سان وهائي ڪڍيو، جنهن سبب ان سوال ڪندڙ کي ڏاڍو سور ٿيو ۽ اهو بادشاهه وٽ دانهن کڻي آيو. بادشاهه حضرت ٻهلول رحمة الله عليه کي پاڻ وٽ گهرايو. فريادي ۽ جوابدار ٻئي پنهنجي اڳيان ويها رهيائين. ان فريادي پنهنجي دعويٰ پيش ڪئي ته هن مون کي پٽ هڻيو آهي جنهن ڪري مون کي ڏاڍو سور ٿيو آهي. ان کي حضرت ٻهلول دانا رحمة الله عليه جواب ڏنو ته مون ته تنهنجن سوالن جا جواب ڏنا آهن. فريادي چيو اهو وري ڪيئن؟ تنهن تي ٻهلول رحمة الله عليه فرمايو ته: تو سوال ڪيو هو ته درويشي ڪيئن هوندي آهي؟ آئون توکان سوال ٿو ڪريان ته سور ڪيئن ٿيندو آهي جيڪو توکي پٽ لڳڻ سان ٿيو آهي. فريادي چيو ته سور سور آهي جيڪو زبان سان ٻڌائي نٿو سگهجي، ان جو تعلق حال سان آهي. تنهن تي حضرت ٻهلول دانا رحمة الله عليه فرمايو ته جڏهن تون سور کي زبان سان بيان ڪري نٿو سگهين ته آئون وري توکي درويشي جنهن جو تعلق به حال سان آهي اها ڪيئن زبان سان ٻڌائي سگهندس؟ "**الحال لا يعبر بالمقال**" يعني حال جو بيان قال سان نه ٿي سگهندو آهي. ٻيو تو پڇيو هو ته ابليس لعين باهه جي پيدائش آهي ۽ باهه کي باهه ڇا ڪندي؟ ان جو جواب هن طرح ڏڄ ته تون به ته مٽيءَ جي پيدائش آهين جيئن الله سبحانهٗ و تعالىٰ قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو آهي: "**مِنْهَا خَلَقْنَاكُمْ وَفِيهَا نُعِيدُكُمْ وَمِنْهَا نُخْرِجُكُمْ تَارَةً أُخْرَىٰ**[1]" ترجمو: توهان کي اسان مٽيءَ مان خلقيو آهي ۽ ان ۾ توهان کي موٽائينداسون ۽ ان مان ئي اوهان کي ٻيهر ڪڍنداسون. سو پٽ به مٽيءَ جو آهي پوءِ مٽيءَ کي مٽي ڇو نقصان ڏنو؟ ٽيون سوال ڪيو هو ته تقدير قادر ڪريم جي طرفان آهي پوءِ ٻين تي ڇو ٿي تهمت رکي وڃي؟ ان جو جواب هي آهي ته پوءِ مون کي عيوض وٺڻ لاءِ ڇو پڪڙيو اٿو؟

[1] سورة طٰهٰ آيت نمبر 55

4. هڪ ڏينهن ڪتاب خريد فرمايائون. پوءِ فرمايائون تہ (ديني) ڪتاب مهانگا خريد ڪرڻ بهتر آهن، ڇو تہ دنيا خسيس ۽ لعين، پليد ۽ فاني آهي، اها ڏئي دين مٽين خريد ڪرڻ گهرجي. جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي: "**مَا عِندَكُمْ يَنفَدُ وَمَا عِندَ اللّٰهِ بَاقٍ**[1]" يعني توهان وٽ جو ڪجهہ آهي سو ختم ٿيندو ۽ جيڪي الله تعاليٰ وٽ آهي سو هميشه رهندڙ آهي.

5. هڪ ڏينهن فرمايائون تہ جيڪو شخص الله تعاليٰ جي رضامندي خاطر (ديني) ڪتاب مهانگا خريد ڪندو تہ اهڙي شخص جي اولاد ۾ علم باقي رهندو.

6. هڪ ڏينهن واعظ نصيحت فرمائڻ ۾ مشغول هئا. ان دوران ۾ ڪتاب شمائل محمدي ﷺ مان هڪ قصو بيان فرمايائون تہ حضرت پيغمبر ڪريم **عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ** سان صحابہ ڪرام **رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالىٰ عَنْهُمْ** کي بيحد محبت هوندي هئي. اُحد شريف واري جنگ جي ڏينهن شيطان لعين مدينہ منوّره زادها **اللّٰه شرفًا و تعظيمًا** ۾ اچي ڪوڙو اعلان ڪيو تہ حضرت رسول مقبول **عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ** دارالبقا ڏانهن رحلت فرمائي ويا آهن. اهو اعلان ٻڌي هڪ عورت مدينہ منوره کان ٻاهر (احد شريف ڏانهن) ڊوڙندي ٿي وئي ۽ چوندي ٿي وئي تہ حضرت رسول خدا ﷺ وجي ڏسان. پوءِ ان عورت کي واٽ ۾ چار جنازا نظر آيا جيڪي ماڻهو کنيو ٿي آيا. ماڻهن ان عورت کي چيو تہ هي هڪ تنهنجي پيءُ جو جنازو آهي، ٻيو جنازو تنهنجي ڀاءُ جو آهي، ٽيون جنازو تنهنجي پٽ جو آهي ۽ هي چوٿون جنازو تنهنجي مڙس جو آهي. ان عورت انهن جنازن ڏانهن ڏٺو بہ ڪين ۽ چوڻ لڳي تہ هي مصيبت مون لاءِ تمام هلڪي آهي. مونکي رسولِ خدا ﷺ ڏسيو تہ آئون سندن زيارت ڪريان. پوءِ ائين

[1] سورة النحل آيت نمبر 96

چوندي ڊوڙندي ٿي ويئي تہ سامهون پيغمبر ڪريم عَلَيۡهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَامُ جن کي (خير سان صحيح سلامت) ڏٺائين. سندن دامن ونئي چوڻ لڳي يا رسولَ اللّٰه! هي چار رئي (قريبن جي وڇوڙي وارين) مصيبتون مون تي اوهان کي نہ ڏسڻ واري تڪليف کان هلڪيون آهن. اوهان جو فراق مون لاءِ وڏي مصيبت هيو.

ائين فرمائي سندن اکيون مبارڪ پاڻي سان پرجي ويون ۽ فرمايائون تہ: صحابہ ڪرام کي رسول اللّٰه ﷺ سان ڪيتري نہ محبت ۽ ايمان هيو جو پنهنجي جان، اولاد، مال ۽ عزيزن قريبن ۽ سڀني انسانن کان وڌيڪ پاڻ ڪريمن ﷺ جن سان محبت ڪندا هئا. جيئن حديث شريف ۾ آهي:

قال رسول اللّٰه صلّى اللّٰه عليه و آلهٖ وسلّم: لا يؤمن احدكم حتىٰ اكون احبّ اليه من نفسه و ماله و ولده و والده والنّاس اجمعين[1]

ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللّٰه **صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ** جن فرمايو تہ: اوهان مان تيستائين ڪوبہ مؤمن نٿو ٿي سگهي جيستائين آئون ڪيس سندس جان، مال، اولاد، پيءُ ماءُ ۽ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ پيارو نہ هجان.

ائين فرمائي وري فرمايائون تہ اسين ان زماني جي لائق نہ هياسون تڏهن تہ رب تعالىٰ اسان کي پري ڪري ڏوراهين ۽ آخري دور ۾ پيدا فرمايو.

7. هڪ ڏينهن نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي عورت پنهنجي مڙس جي هر ڳالهہ ۾ هميشه مخالفت ڪندي هئي. هڪ ڏينهن ڪيس مڙس چيو تہ تنهنجي پيءُ ماءُ وٽان ماڻهو آيو آهي صبح جو هلنداسون. ان کي زال چيو تہ صبح نہ، هينئر ئي تيار ٿي تہ هلون. نيٺ ٻئي تيار ٿي درياهہ جي پتڻ تي پهتا. مڙس زال کي چيو تہ تون عورت ذات آهين تنهنڪري تون ٻيڙيءَ تي چڙهہ ۽ آئون ڊگهي جو پچ جهلي ترندو ٿو هلان. عورت مڙس جي مخالفت ڪندي ٻيڙي تي چڙهڻ کان انڪار

---

1 بخاري شريف جلد اول صہ 7

ڪيو ۽ ڏيگي جي پيچ ۾ چنبڙي پئي. پوءِ جڏهن درياهه جي وچ سير ۾ پهتا ته مڙس زال کي چيو ته ڏيگي جو پيچ مضبوط جهلجان. عورت مڙس جي مخالفت ڪرڻ سبب ڏيگي جو پيچ ڪٽي ڇڏيو ته ٻڏي وئي.

اي عزيز! اهڙي طرح جيڪا دل (غير جو پيچ ڇڏي) هميشه نفس جي مخالفت پئي ڪندي سا نيٺ حقيقت واري درياهه ۾ مستغرق ٿيندي. جيئن قدسي حديث آهي: **دع نفسك و تعال** (يعني پنهنجي نفس کي ڇڏ پوءِ اچ).

8. هڪ دفعي رات جو درگاهه مبارڪ واري مسجد شريف ۾ ويٺو هئس ته اوچتو حضرت جن مون وٽ آيا ۽ اچي مون سان صحبت ۾ مشغول ٿيا. ان دوران مسجد شريف جي اڱڻ واري پٽ ڏانهن اشارو ڪندي فرمايائون ته اي ادا! سپاڻي هن پٽ ۽ سون ۾ ڪو فرق نه ڪجان (يعني عارف جي نظر ۾ سون ۽ مٽي برابر هجڻ گهرجن).

9. هڪ ڏينهن پنهنجي زبان گوهر افشان سان فرمايائون ته پنهنجي عملن کي دنياوي غرضن ۽ نفساني خواهشن کان پاڪ ڪريو. ائين فرمائي مثنوي شريف مان هڪ نقل آندائون ته حضرت امير المؤمنين علي **ڪَرَّمَ اللّٰهُ وَجْهَهٗ** جن هڪ ڪافر کي (جنگ دوران) قتل ڪرڻ لاءِ زمين تي دسيو. ان وقت ان ڪافر حضرت علي ﷺ جن جي منهن مبارڪ ڏانهن (حسد وچان) ٿڪ اڇلائي. پاڻ ان کي ڇڏي ڏنائون. ڪنهن شخص عرض ڪيو ته حضرتا هن ڪافر کي ڇا لاءِ ڇڏي ڏنوَ؟ پاڻ فرمايائون ته پهريائين هن کي خالص باري تعالىٰ جي رضا واسطي ڪُنم ٿي، مگر هاڻي ٿورو نفساني غرض به هن ۾ شامل ٿي ويو آهي. توڙي جو ڪافر کي ڪهڻ پلو عمل آهي پر پوءِ به هن کي ڇڏي ڏنو اٿم.

10. هڪ ڀيري فرمايائون ٿي تہ جڏهن باري تعاليٰ تي توڪل ڪئي هيم، پوءِ پنهنجي حويلي ۾ وڃي اهل خانہ صاحبن کي چيو هيم تہ اسان خدا تعاليٰ تي توڪل ڪئي آهي اوهان بہ ڪريو. جيڪڏهن اوهين اهو امر بجا نہ آڻيندا تہ اسان الله تعاليٰ جو اهو امر بجا آڻينداسون جيڪو خدا تعاليٰ پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جن کي قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي تہ: "**يَآ اَيُّهَا النَّبِيُّ قُل لِّاَزْوَاجِکَ اِن كُنتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَزِينَتَهَا فَتَعَالَيْنَ اُمَتِّعْكُنَّ وَاُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا جَمِيلًا**"[1] ترجمو: اي نبي پنهنجين گهروارين کي چئو جيڪڏهن توهان دنيا جي حياتي ۽ ان جو سينگار گهرو ٿيون تہ اچو توهان کي گذاري جو سامان ڏيان ۽ سهڻي نموني ڇڏي ڏيان.

تنهن تي سڀني اهل خانہ صاحبن چيو تہ اسان بہ الله تعاليٰ تي توڪل ڪئي آهي. ان کان پوءِ آزمائش طور اسان تي ڪجهہ ڏينهن فقر ۽ فاقہ جي تلوار وسندي رهي ۽ تمام گهڻيون تڪليفون آيون. ان کان بعد باري تعاليٰ ايتري تہ فراخي عطا فرمائي جو هي هيترا سارا ٻيا ماڻهو بہ بفضل الاهي کائي رهيا آهن.

11. هڪ ڀيري سومهڻي جي نماز کان بعد درگاهہ شريف واري مسجد شريف اندر هن فڪر ۾ ويٺو هئس ۽ دل ۾ پڇ ويني پچايم تہ وقت نٿو ملي جو ڪٿي پنهنجي اندر جو احوال مرشد ڪريم کي عرض ڪريان. ان فڪر ۾ حيران ويٺو هئس ۽ پاڻ حضرت جن مسجد شريف اندر مراقبي ۾ ويٺا هيا. پوءِ پاڻ اوچتو مراقبي مان اٿي کڙا ٿيا ۽ حويلي مبارڪ ڏانهن وڃڻ لڳا. جڏهن هن فقير جي پرسان اچي لنگهيا تہ منهنجي دل جي حال موافق جواب ڏيندي فرمايائون تہ: خدا تعاليٰ توهان جي دلين جا حال ڄاڻندڙ آهي (يعني جيڪي بہ اوهان جي دل ۾ آهي تنهن کي هو ڄاڻي ٿو) ٻئي کي حال ٻڌائڻ جي ضرورت نہ آهي.

[1] سورة احزاب آيت 28

12. هڪڙي ڏينهن مسجد شريف جي اڱڻ ۾ ويٺو هئس. حضرت ميان صاحب (حضرت پير سائين روضي وارن قَدَّسَ اللّٰهُ سِرَّهُ الْعَزِيزَ جن جو والد ماجد حضرت سيد محمد بقا شاهه شهيد نَوَّرَ اللّٰهُ مَرْقَدَهُ) جن واعظ ۽ نصيحت فرمائڻ ۾ مشغول هيا. اوچتو فرمائڻ لڳا اي يارو! ٻڌايو ته جيڪڏهن هن وقت الله تعاليٰ توهان سڀني کي ڪٽي وفات ڏئي ته پوءِ اهل عيال ٻار ٻچا ڪنهن جي حوالي ڪندؤ؟ (نيث ته الله تعاليٰ جي ئي حوالي ڪندؤ تنهنڪري هي ڀلو نه آهي جو) جنهن کي مرڻ بعد اهل عيال حوالي ڪندؤ ان کي هاڻي ئي هن حياتي ۾ حوالي ڪري ڇڏيو.

13. هڪڙي ڏينهن لاڙڪاڻي شهر ۾ حضرت جن جي خدمت اقدس ۾ ويٺو هيس. حضرت جن مون کان سوال پڇيو ته مرد کي اوگهڙ ڍڪڻ ڪيستائين فرض آهي؟ عرض ڪيم ته دُن تائين. پوءِ فرمايائون ته عارف شخص جو دُن ڪهڙو آهي؟ عرض ڪيم ته مون کي خبر نه آهي، اوهان سمجهايو؟ تنهن تي پاڻ فرمايائون ته: عارف جو دُن عرش عظيم آهي. عارف لاءِ ضروري آهي ته هو پاڻ کي عرش عظيم تائين ڍڪي، ان کان مٿي جيڪڏهن اگهاڙو آهي ته پئو ناهي.

14. هڪ وقت پنهنجي مسجد شريف جي پرسان وضو ٺي سا ريائون. جڏهن وضو ڪري فارغ ٿيا ته پنهنجي سونهاري مبارڪ کي ڦڻي ڏنائون. اوچتو منهنجي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته حضرت جن رات جو ڦڻي ڏين ٿا (سو الائي جائز آهي يا نه؟) تنهن تي منهنجي حال موافق جواب ڏيندي فرمايائون ته: سرورِ عالم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عشاء جي وقت ڦڻي ٿي ڏني ته اوچتو مؤمنن جي ماءُ حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالىٰ عَنْهَا پڇيو ته حضرتا! روزانو رات جو ڦڻي ڏيندا آهيو تنهن ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟ پاڻ فرمايائون ته رات جو

جيڪو شخص سونهاري کي ڦٽي ڏيندو تنهن تي قرض نه ٿيندو. پوءِ مؤمنن جي ماءُ پڇيو. ته حضرتا ! اوهان تي ڪنهن جو قرض آهي ڇا ؟ پاڻ فرمايائون ته هائو اوهان جو ڪابين (مهر) اسان تي قرض آهي. تنهن تي ام المؤمنينؓ عرض ڪيو ته حضرتا مون پنهنجو ڪابين اوهان کي بخش ڪيو. پوءِ ٻي رات وري ام المؤمنينؓ ڏٺو ته پاڻ ڦٽي ڏئي رهيا آهن. تڏهن حضرت صديقهؓ عرض ڪيو ته حضرتا جيڪي اسان جو قرض هيو اهو ته بخشيوسون، هاڻي ڇا لاءِ ٿا ڦٽي ڏيو؟ پاڻ فرمايائون ته جنهن شيءِ مان اهڙو فائدو ٿئي ان کي ڇا لاءِ ڇڏيان؟

15. هڪڙي ڏينهن (حضرت جن سان گڏ) رستي سان ويندي ڪجهه ماڻهو رستي ۾ ملاقاتي ٿيا. جڏهن انهن وٽان لنگهياسون ته مون انهن جي اهانت ڪئي (يعني انهن تي چٿر وغيره ڪيم) تنهن تي پاڻ فرمايائون ادا محمد حسين! هي ڇا ٿو چوين؟ اسان کي ڏمرائين ٿو. اجا تنهنجي نظر چڱي مٿي تي آهي، توکي جڳائي ٿو ته تون سڀ ڪنهن کي چڱو ڄاڻ، چڱو چئو ۽ چڱو ڀانءِ. پوءِ ان ئي وقت مون تي راضي ٿيا ۽ ڪجهه توحيد جي رمز سمجهايائون.

16. هڪ دفعي حضرت جن سان گڏ ٻيڙي ۾ سوار هيس. پنهنجي شاگرد کي چيم ته منهنجي چادر ڌوئي صاف ڪري اچ. تنهن تي مون کي حضرت جن فرمايو ته: تون پاڻ ڇو نٿو ڌوئين؟ مون عرض ڪيو ته حضرتا اوهان جي حاضري کان جدا ٿي نٿو سگهان. پوءِ ان وقت فرمايائون ته: خادم کي جيڪڏهن مخدوم ڪو ڪم چوي ته جائز آهي. پر اوهان کي تعليم لاءِ چوان ٿو ته طاقت ۽ توفيق هوندي پنهنجو ڪم ٻئي کي چوڻ نه گهرجي. پر جيڪڏهن چئجي ته پڻ ناهي.

17. هڪڙي ڏينهن رستي سان ويندي عرض ڪيم ته شايد قيامت ويجهي اچي وئي آهي جو هر هڪ شهر ۽ ديهه جو ٽيون يا چوٿون حصو آباد آهي (يعني آبادي جي ڪثرت قيامت جي نشاني آهي). پاڻ خوش طبعي ۽ پوڳ جي انداز ۾ مونکي فرمايائون ته تنهنجي قيامت ويجهي اچي وئي آهي.

18. هڪ پيري رات جو (هن ملفوظات شريف جي جامع لاءِ) فرمايائون ته: خليفو به سنو آهي ۽ سنو سمجهيو اٿس، پر آئون ڪوبه اهڙو ماڻهو نٿو ڏسان جنهن سان پنهنجي علم ۽ راز جي ڳالهه ڪجي.

19. هڪ وقت لاڙڪاڻي شهر ۾ حضرت جن جي حضور ۾ ويٺو هيس. ان وقت پاڻ فرمايائون ته عارف کي اهڙو عروج هجڻ گهرجي جو جتي به سندس نظر پوي ته انهيءَ وقت ۾ پنهنجي قدم کي ان هنڌ تي رکي، توڙي جو سندس نظر لکن سالن جي واٽ تي پوي ته به بنا دير پنهنجي قدم کي نظر واري جاءِ تي رکي.

20. هڪ دفعي خليفي صاحب محمود نظاماڻي (عليه الرحمة) جي ڳوٺ (ڪڙيو گهنور) ۾ مهمان هياسون. فقير مسجد شريف ۾ ويٺا هيا ۽ پاڻ کٽ تي جيڪا مسجد شريف جي پرسان پيل هئي، ان تي آرامي هيا. آئون سندن سيراندي کان ويٺو هيس. ڪنهن مهل پنهنجي هٿ مبارڪ کي ڊگهو ڪري فرمايائون اي ادا محمد حسين! اڄ پاڻ ڳالهيون ڪونه ڪيون آهن. ائين فرمائيندي پنهنجو دست مبارڪ منهنجي ٻانهن ۾ وجهي مون کي پنهنجي کٽ تي ڪٺي ويها رِيائون. پوءِ جيڪي سندن نوڪر خادم ۽ حاضر مجلس وارا. هئا سي مون تي ڏمريا. تنهن تي انهن کي فرمايائون ته: اوهين هن تي ڇو ٿا ڏمرجو! اوهان پاڻ سچو ڏينهن لسي ٿا کائو ۽ پين کي پاڻي ٿا ڏيو. سڀ مؤمن ڀائر آهيون اهڙو فرق نه ڪريو.

21. هڪڙي وقت فرمايائون ته: آئون ننڍ ڙائپ ۾ ڪڏهن ڪڏهن طالب علمن جي صحبت ۾ وڃي وهندو هيس. پوءِ مون کي حضرت ميان صاحب نَوَّرَ اللّٰهُ مَرْقَدَهٗ جن فرمائيندا هيا ته بابا اهڙن شخصن جي صحبت ۾ نه وهندا ڪريو. ڇاڪاڻ ته اهي صرف زباني ڳالهيون ڪندا آهن. انهن وٽ رڳو قال آهي پر حال ڪجهه به نه اٿن. پوءِ قال بنا حال جي بي نصيبي آهي.

قال را چه بيني بنگر بسوءِ حال

بر اشهد تو خنده زند اسهد بلال

معنىٰ: قال کي ڇا ڏسندين؟ حال ڏانهن نهار. تنهنجي اشهد تي بلالؓ وارو اسهد کلي ٿو.

(يعني حضرت بلال رضي الله عنه جيڪو رسول ڪريم ﷺ جو عاشق ۽ صاحب حال هو سو ٻاتائيندو هو ۽ بانگ ۾ اشهد چوڻ جي بجاءِ اسهد چوندو هو. سو حال ۽ محبت واري جو اسهد تو قال واري جي اشهد کان ڪيترا حصا بهتر آهي).

22. هڪڙي وقت مسجد شريف ۾ ويٺا هئا. مون پنهنجو حال سندن خدمت بابرڪت ۾ عرض ويني ڪيو ۽ درخواست ويني پيش ڪيم. پوءِ پاڻ فرمايائون: جيڪڏهن هٿن کي باھ تي رکجي ته نفس سهي سگهندو يا نه؟ عرض ڪيم ته نه! تڏهن فرمايائون ته اوهان منهنجا هٿ آهيو. جيڪڏهن پنهنجي هٿن کي سڙڻ نه ڏنم ته انشاءالله تعالىٰ توهان کي به سڙڻ نه ڏيندس. بمنهٖ و **ڪمال ڪرمهٖ**

23. هڪ وقت حضرت جن سان گڏ رستي سان ٿي ويس. عرض ڪيم ته يا شيخ! توهان الله تعالىٰ جي خزانن جا ڪنجي بردار آهيو. جيڪڏهن خزاني مان ڪجھ عطا فرمائيندؤ ته ڇا ٿيندو؟. ۽ خدا عزوجل جي خزاني ۾ ڪا کوٽ به ڪانه ٿيندي ۽ هڪ ذري جيتري به ڪمي ڪانه ايندي. ڪنجي بردارن کي (حاڪم جي طرفان) اختيار به گهڻا هوندا آهن. جيئن مير نصير خان بروهي پنهنجي نائب ڏانهن، ڪنهن کي جاگير جو پروانو لکي ڏئي، پوءِ جيڪڏهن اهو نائب چاهي ته ان پرواني کان وڌيڪ ڏئي يا ان پرواني کان گهٽ ڪري ته به نائب جو اختيار آهي، ڪنهن کي ڏئي يا نه ڏئي. (۽ اوهين به الله تعالىٰ جا پيارا آهيو) تنهن تي فرمايائون ته: انهن جو حاڪم اندو آهي ۽ اسانجو حاڪم ڄاڻندڙ ۽ ڏسندڙ آهي ۽ انهن جو حاڪم پرپٺ ۽ غائبانه ڏسڻ کان

نا ٻين آهي، ان جا خزانچي جيڪي ٻه ڏين ٿا تنهن کي هو ڪونه ٿو ڏسي، اسان جو حاڪم عالم الغيب والشهادة آهي. "اِنَّ اللّٰهَ عَلِيمٌ بِذَاتِ الصُّدُورِ[1]" ترجمو: بيشڪ الله تعالىٰ سينن جا راز ڄاڻندڙ آهي. اي عزيز! اسان جو حاڪم جنهن کي ڏيا ريندو آهي ته ان کي ڏيندا آهيون ۽ جنهن کي نٿو ڏيا ري ته تنهن کي نٿا ڏيون.

24. هڪ دفعي سندن خدمت ۾ عرض پئي ڪيم ۽ پنهنجو حال ويني ٻڌايم. پوءِ پاڻ فرمايائون ته اي ڀاءُ! تون مونکي گهڻو ئي پيارو آهين، پر تنهنجي ۽ منهنجي وچ تي هي آيت سگوري "اِنَّکَ لَا تَهۡدِي مَنۡ اَحۡبَبۡتَ[2]" پردو بنيل آهي (يعني بيشڪ ائين نه آهي جو تون جنهن کي پنهنجي طرفان گهرين، ان کي هدايت ڪرين).

25. هڪ وقت ٻيڙي ۾ سوار هياسون، پوءِ ننڊ ڪرڻ لاءِ ڪٺ جي بستري تي آرامي ٿيا. مون خادم کي چيو ته ڪاني جو ٽڪرو ڪٽي ڏي ته ڪٺ جي پاڳي هينان ڏيان (جيئن ڪٺ سنئين سڌي رهي). تنهن تي پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن ڪاني جو ٽڪرو ڪٺ جي پاڳي هينان نه به ڏيندؤ ته به خير آهي آئون عادي ڪونه آهيان جو منهنجي وات مان ڪير وهي پوندو. يعني ظاهر ظهور منع نه فرمايائون، مريدن جي تعليم لاءِ ائين فرمايائون (ته گهڻو آرام طلب نه ٿيو).

26. هڪ پيري ٻيڙي تي سوار هياسون. اوچتو خليفو دين محمد اٿي بيٺو ۽ ملان موليڏني کي چيائين ته حضرت جن کي منهنجو عرض ڪر. پوءِ ملان موليڏني (حضرت جن جو خادم ڪؤنري بردار هيو) سندن حضور ۾ عرض پيش ڪيو ته حضرتا ! خليفو دين محمد عرض ٿو ڪري ۽ چوي ٿو ته آئون قرآن ڪريم جي تعليم، تدريس ۾ مشغول آهيان. جواب ڏنائون ته قرآن ڪريم نور آهي، پر "رب

[1] سورة آل عمران آيت 119
[2] سورة القصص آيت 56

قارئ القرآن والقرآن يلعنه“ يعني قرآن مجيد جا ڪي پڙهندڙ اهڙا به آهن، جن کي قرآن مجيد لعنت ڪري ٿو. هن زماني جا ماڻهو قرآن مجيد جي تلاوت وقت (گويا) پنهنجي رب تعالىٰ سان هم ڪلام ته ٿين ٿا، پر پنهنجي دل کي هن فاني جهان جي ڪمن سان مشغول رکن ٿا. جنهن ڪري ٿانو ۾ پليدي رکيل هوندي ته ان ۾ پاڪائي ڪٿان جاءِ وٺندي! هن فرمودي ۾ پنهنجي دل کي هٿ ۾ آڻڻ ڏانهن اشارو آهي.

دل بدست آور که حج اکبر است

يعني: دل جو حضور هٿ ڪر، جو اڪبري حج اهو اٿئي.

27. هڪ پيري ترائي (ڪڙئي گهنور جي ويجهو) ڳوٺ ۾ حضرت جن سان گڏ ترسيل هئاسون. حضرت جن جي سمهڻ وقت ڏٺم ته کٽ تي صرف هڪ فراسي پئي هئي. مون هڪڙي خادم کي چيو ته ڪو ٻيو ڪپڙو (پٿرڻي وغيره) به فراسي تي وڇائڻ لاءِ کڻي اچ. تنهن تي پاڻ فرمايائون ته منهنجي عادت آهي ته اڪثر مسجد شريف جي ڪکن تي سمهندو آهيان. پوءِ پٿرڻي وغيره وڇائڻ نه ڏنائون، ۽ انهيءَ فراسي تي آرام فرمايائون.

28. هڪ دفعي مهيسرن جي ڳوٺ ۾ ترسيل هياسون. جڏهن ننڊ جو وقت ٿيو، مون ڏٺو ته حضرت جن مسجد شريف جي ڪکن تي ليٽي پيا. پهراڻ مبارڪ جيڪو سندن جسم شريف تي هيو اهو به لاهي ڇڏيائون ۽ خالي ڪکن تي پاسو مبارڪ رکي سمهي پيا.

29. هيڪر ٻيڙي تي سوار هياسون. حضرت جن واعظ ۽ نصيحت فرمائڻ ۾ مشغول هيا. اوچتو ڪتاب بوستان کڻي ان مان هڪ حڪايت جون ٻئي سٽون پڙهيائون ۽ ايترو ته جوش ۾ آيا جو سندن اکين مبارڪن مان لڙڪ مبارڪ وهي پيا. فرمايائون ته: اسان کي ماڻهن تي عجب ٿو اچي جو پنهنجي ڪوتاهي ۽ سستي سببان هن درگاهه کان محروم ۽ بي نصيب رهجي وڃن ٿا. ائين

فرمائي بي پرواهه باري تعاليٰ جي ثنا ۽ تعريف لاءِ زبان مبارڪ کوليائون. ان وقت سندن اکين مبارڪن مان موتين جهڙا لڙڪ وهي رهيا هئا ۽ ان حڪايت کي پڙهڻ چڏي ڏنائون. پوءِ ڏينهن مون کان پڇيائون ته ڪالهه ڪهڙي حڪايت پڙهي رهيا هئاسون؟ مون عرض ڪيو ته فلاڻي درويش واري حڪايت، جيڪو (بيت الله شريف جي) دروازي تي اچي سوالي ٿيو هو. پوءِ اها حڪايت بوستان مان گولي سموري پڙهيائون.

30. هڪ وقت حضرت جن جي حضور ۾ ويٺو هيس. ان وقت فرمايائون ته اي ادا! عاجزي ڪندڙ ٿي. جيڪي ڪجهه آهي سو عاجزي ۾ آهي. ان کان بعد حضرت ميان صاحب نَوَّرَ اللّٰهُ مَرْقَدَهٗ جن جو نقل ٻڌايائون ته هڪ پيري مون کي سڏي پنهنجي ويجهو ويهاري پڇيائون ته ابتدا ۾ سرور ڪائنات عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَامُ جن جو حال مبارڪ ڪهڙو هيو؟ فرمايائون ته مون عرض ڪيو ته مون کي خبر نه آهي ۽ ڪجهه گهڙي کن دير جو ڪيم ته ان بعد پاڻ مون کي سمجهايائون ته ابتدا ۾ سرور ڪائنات عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَامُ جن جو يتيمي حال هو. جيڪي ڪجهه آهي سو يتيمي ۾ آهي.

31. هڪ ڏينهن حضرت جن جي ڪچهري ۾ ويٺو هيس ته فرمايائون: اي ادا مان ۽ اسان (پنهنجي هستي) واري دعويٰ ڇڏي ڏيو ۽ ڪنهن سان به دعويٰ نه ڪريو. پوءِ ان متعلق مثال ڏنائون ته هن طرح ڪريو جو هي ڪپڙو جيڪو منهنجي ڪلهي تي آهي ۽ هي تسبيح جيڪا منهنجي هٿ ۾ آهي، انهن لاءِ جيڪڏهن ڪو شخص مون کي چوي ته اِهي شيون منهنجون آهن ته آئون اهي شيون جلدي ان کي ڏئي ڇڏيندس، توڙي جو اهي شيون منهنجي ملڪيت آهن. پر ان ڪري جو جيڪڏهن آئون چوندس ته اهي شيون منهنجون آهن ۽ هو چوندو ته منهنجون ته ان 'مان' ۽ 'اسان' منجهان جهڳڙو پيدا ٿيندو. پوءِ حق

سُبحانهٗ و تعاليٰ جي طالب کي جڳائي ٿو تہ هو ڪنهن سان بہ دعويٰ ٻڌي ڪورٽ ۾ حاضر نہ ٿئي.

32. هڪ ڀيري ترائي جي ڳوٺ ۾ مسجد شريف جي صحن ۾ حضرت جن سان ويٺو هيس تہ مون کي فرمايائون تہ ادا محمد حسين! اوري آءُ تہ ڪا پنهنجي صلاح ڪريون. عرض ڪيم تہ ڪهڙي طرف پچون؟ فرمايائون ربُّ الرحيم جي طرف (يعني پنهنجي رب رحيم ڏانهن).

33. هڪ ڀيري حضرت جن سان گڏ رستي سان ٿي ويس. تہ ڪنهن شخص چيو تہ اڄ رات عيد جي آهي. تنهن تي پاڻ فرمايائون: عيد اها نہ آهي، اسان لاءِ عيد ان ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن خاتمو بالخير ۽ ايمان سان ٿئي.

34. هيڪر حضرت جن سان ٻيڙي تي سوار هيس. تڏهن فرمايائون تہ: مُلان الهداد چڱو ٿيو آهي پر اجا مڙس نہ ٿيو آهي جو ماڪوڙي بہ نہ ماري اٿس. يعني ظاهري زينت ٿو رکي.

35. هڪ ڀيري حضرت جن سان ٻيڙيءَ تي سوار هيس. ان وقت ماڻهن حضرت جن جي گهوڙن لاءِ ايترو تہ گاهہ پئي آندو جو هڪڙو ڪٺوئي نٿي تہ ٻيو پئي آندائون ۽ گاهہ ٻيڙيءَ ۾ ٻچيو پيو هو. پوءِ حضرت جن پنهنجي زبان مبارڪ سان فرمايو تہ اي يار! ڏسو تہ الله جل شانهٗ جڏهن اسان جي گهوڙن کي بہ جلدي جلدي رزق رسائي ٿو تہ پوءِ اسان کي ڇا ٿيو آهي جو پنهنجي روزيءَ لاءِ اجائي تڪليف ڪريون ٿا.

36. هڪ دفعي فرمايائون تہ: مريد چوڻ بدعت آهي 'يار' چوڻ بهتر آهي. ڇاڪاڻ تہ پيغمبر ڪريم **عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَامُ** جن جي زماني پاڪ ۾ 'اصحاب' لفظ چوندا هيا جنهن جي معنيٰ يار آهي. پوءِ نقل ٻڌايائون تہ حضرت ميان صاحب **نَوَّرَ اللّٰهُ مَرْقَدَهٗ** جن بہ پنهنجي مريدن لاءِ فرمائيندا هيا تہ فلاڻي هنڌ منهنجو يار آهي (مريد ڪين چوندا هيا).

37. هڪ دفعي مون کان پڇيائون ته جيڪڏهن ڪنهن شخص جو باغ، پاڻي نه ملڻ جي ڪري خشڪ ٿي ويو هجي ۽ ويران پيو ٿئي، ان حالت ۾ جيڪڏهن ڪو شخص ان باغ کي پاڻي ڏئي آباد ڪري ته ان باغ جو مالڪ پاڻي ڏيندڙ شخص کان ڪيترو نه خوش ۽ راضي ٿيندو! مون عرض ڪيو ته ان باغ جو مالڪ ته ڏاڍو خوش ٿيندو. پر جيڪو به ان باغ کي ڏسندو ته اهو به خوش ٿيندو. تنهن تي پاڻ فرمايائون ته هي جهان به اسان جي نظر ۾ باغ جي مثل آهي.

38. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته ڪنهن شخص پرپٺ يا سندن حضور پرنور ۾ اعتراض طور عرض ڪيو هيو ته حضرت ميان صاحب قَدَّسَ اللّٰهُ سِرَّهٗ جن هر هڪ شخص کي (بيعت ڪري) تلقين فرمائين ٿا، عالم هجي خواه جاهل، سيّد هجي يا غير سيّد، ننڍو هجي توڙي وڏو، عورت هجي چاهي مرد. تنهن تي پنهنجي زبان درافشان سان فرمايائون ته: سڀئي الله تعالىٰ جا ٻانها آهن. هي جيڪو زمانو آهي سو آزمائڻ ۽ تجربي جو زمانو ڪونه آهي. جيئن اڳيان بزرگ آزمائي ۽ استخاره ڪرائي پوءِ (بيعت لاءِ) تلقين فرمائيندا هيا. بعد ۾ هي مثال بيان فرمايائون ته: اهو به ان شڪاري جي مثل آهي جيڪو پنهنجي دام جي چوڌاري داڻا ڇٽي ڇڏيندو آهي ۽ انهن داڻن چڳڻ لاءِ ڪانو ڪبوتر گڏجي ايندا آهن. پوءِ جيڪڏهن شڪاري ڪانون کي اڏاريندو ته ڪبوتر به هليا ويندا. تنهن لاءِ هيئنئن ڪرڻ گهرجي ته ٻنهي (ڪانون ۽ ڪبوترن) کي ڪجهه به نه چئجي، جنهن جو نصيب هوندو سو اچي دام ۾ ڦاٿيئي پوندو.

39. هڪ پيري رستي سان هلندي برادرم ملان سائينڏني عجز ۽ نياز سان چيو ته آئون سيني کان گهٽ آهيان. تنهن تي پاڻ فرمايائون ته تون سيني کان پلو آهين، جو تون پاڻ کي گهٽ ٿو ڏسين ۽ پائين. ان کان بعد هڪ نقل بيان فرمايائون ته حضرت موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ جي زماني ۾ پنج سؤ يا ڪجهه گهٽ وڌ تمام وڏا

پرهيزگار شخص گڏ ڪيا ويا جن لاءِ چيو ويو ته هنن مان جيڪو وڌيڪ پرهيزگار هجي ان کي نمبر وار هڪ هڪ ڪري چونڊي ڪڍي اچو. پوءِ سڀ چونڊي ڪڍي باقي پنج شخص وچي چڏيائون. پوءِ انهن پنجن مان به وڌيڪ پرهيزگارن کي چونڊي ڪڍڻ لاءِ چيو ويو. تان جو باقي به ڄڻا وڃي رهيا، جن کي ٻين سڀني کان تمام گهٽ سمجهي ڇڏي ڏنائون. تڏهن حضرت موسىٰ **عَلَيْهِ السَّلَامُ** فرمايو ته اهي ٻئي ڄڻا سڀني کان ڀلا آهن، ڇو ته انهن کي ماڻهن سڀني کان گهٽ ڪري ڇڏي ڏنو اٿن.

40. هڪ ڀيري فرمايائون ٿي ته: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي متابعت کي هٿان نه ڇڏيو. سندن سنت اطهر کي فرض مثل ڄاڻي ان تي پوري اعتقاد سان عمل ڪريو.

41. هڪ ڀيري حضرت جن فرمايو ٿي ته جيڪي به سنتون منهنجون ڏنل ۽ منهنجي نظر ۾ آيل آهن انهن سڀني کي پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جن جي متابعت خاطر پورو ڪيو اٿم. پر اجا ٻڪريون ڪونه چاريون اٿم. هڪ ڏينهن وڃي انهن کي به چاريندس ته جيئن ڪل متابعت حاصل ٿئي.

42. هڪ ڀيري زبان گوهر افشان سان فرمايائون ته: هڪ ڏينهن خليفي ميان اله رکئي رحمة الله عليه حضرت ميان صاحب **نَوَّرَ اللّٰهُ مَرْقَدَهٗ وجعل الجنّة مثواه** کان سوال ڪيو هو ته حضرتا! هن ڳالهه ۾ ڪهڙي حڪمت آهي جو ماڻهو اچ بک جي وگهي مري ٿا وڃن؟ جواب ڏنائون ته انهن جي نظر پاڻي تي آهي پر ساقي تي نه آهي. جيڪڏهن ماڻهن جي نظر ساقي تي هجي ها ته ڪين اچ بک هرگز نقصان نه ڏئي ها.

43. هڪ دفعي فرمايائون ٿي ته: اي يارو! مُبتدي (سلوڪ ۾ نئين داخل ٿيندڙ طالب) کي گوشه نشيني ضروري آهي جو مڙني شين کان پنهنجو منهن موڙي حق سبحانهٗ و تعالىٰ ڏانهن متوجه ٿئي. جيئن سرور عالم ﷺ جن معراج واري

رات "**مَا زَاغَ الْبَصَرُ**" جو سرمو اکين مبارڪن ۾ پاتو هئائون. يعني مٿي وڃڻ وقت براق کي اهڙي طرح هلايو هيائون جو ڪنهن به غير ڏانهن ڪونه ٿي واجهايائون. تان ته وڃي پنهنجي مطلوب حقيقي وٽ پهتا. ان کان بعد جڏهن واپس موٽيا ته بهشت، دوزخ، حورن، قصورن، غلمانن ۽ ٻين شين جو نظارو فرمائيندا آيا. تنهن ڪري عرفان جي واٽ جي طالب لاءِ لازم آهي ته هو (پنهنجي محبوب ۽ مطلوب حقيقي جي رضا خاطر) هڪ گهڙي ۽ اک ڇنڀ جيترو وقت به پنهنجي دل کي مَاسِوَا الله ڏانهن ڪڏهن به متوجه نه ڪري.

44. هڪ پيري فرمايائون ٿي ته ساري رات سمهي ننڊ نه ڪندا ڪريو جو رات ۾ (رب ڪريم جي رحمت جا) ڪيئي نظارا ٿيندا آهن. پوءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو سڄي رات سمهي ننڊ ڪندو ته حق سبحانهٗ و تعالىٰ جي رحمت جي نظاري کان بي نصيب ٿي ويندو. پوءِ فرمايائون ته اي ادا! جيڪڏهن ننڊ ڪرين ته ويهي ڪر، ان لاءِ جو محبوب حقيقي حق تعالىٰ چاهيندڙ ۽ ڏسندڙ آهي. اهو (توکي ويٺل ڏسي) فرمائيندو ته هي بندو پاسي پر سمهي ننڊ ڪرڻ واري لذت کي منهنجي (رضا) واسطي ڇڏي ويهي ننڊ ٿو ڪري. ائين چئي فرمايائون ته ڏسو، جيڪڏهن ڪو سوالي ڪنهن جي در تي چند ڏينهن ويهي رهندو آهي ته ان کي ڪجهه نه ڪجهه ضرور ملندو آهي، خدا تعالىٰ ته ارحم الراحمين آهي. ائين فرمائي سندن اکيون مبارڪ لڙڪن سان پرجي آيون.

45. هڪ دفعي "**الصوفي لا مذهب له**" مقولي جي معنىٰ هن طرح بيان فرمايائون ته: صوفي چئني مذهبن (حنفي، شافعي، حنبلي ۽ مالڪي) ۾ اختيار وارو آهي ته هو جنهن کي اختيار ڪري ته ان لاءِ جائز آهي. ان جي ٻي معنىٰ هيءَ به آهي ته مذهب هلڻ جي جاءِ کي چئبو آهي. جڏهن ڪو شخص عارف

ڪامل ٿي، ڪمال واري درجي کي پهچي ٿو تہ پوءِ ان کي طرف، قبلي، مڪان، زمان، رات، ڏينهن ۽ مذهب جي ضرورت ڪانہ آهي.

46. هڪ وقت پنهنجي زبان درافشان سان فرمايائون تہ پنهنجي خالق ساڻ ائين هجو جڻ تہ خلق موجود ئي ڪانہ آهي ۽ خلق ساڻ ائين هجو ۽ ائين زندگي گذاريو جڻ تہ توهين پاڻ ڪونہ آهيو.

47. هڪ پيري فرمايائون ٿي تہ ماڻهو پائين ٿا تہ الله تعالىٰ جي ولين کي خدا پاڪ جو خوف نہ آهي. جيئن (ظاهر ۾) "**اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ**[1]" سورة يونس ۾ آهي (معني: ٻڌو بيشڪ الله تعالىٰ جي ولين تي نہ ڪجھ خوف نڪو غم). ليڪن انهن کي الله تعالىٰ جو ايترو تہ خوف آهي جو ٻئي ڪنهن بہ نہ آهي. البت انهن کي غيرالله جو خوف نہ آهي. عارفن ۾ غير جي خوف جو ذرو بہ نٿو لڀي. **الله اعلم بالصواب.**

48. هڪ دفعي هڪ شخص کان ڪو غير شرعي ڪم ٿي ويو. ان شخص پنهنجي ڳچيءَ ۾ ڳارو وجهي، حضرت جن جي خدمت اقدس ۾ معافيءَ لاءِ عرض ڪيو تہ حضرتا! مونکي بخش فرمايو ۽ مون تي رنج نہ فرمايو، جو مونکي چار پنج ڏينهن ٿيا آهن تہ مون اَن نہ کاڌو آهي ۽ آئون اوهان جو رضامندو چاهيان ٿو. اوهين خدا واسطي مون تي راضي ٿيو. پوءِ ان کي زبان مبارڪ سان فرمايائون تہ اي ادا! تو منهنجو گناهہ نہ ڪيو آهي جو آئون توکي بخش ڪريان. تو تہ ويچارن مسڪينن تي ظلم ڪيو آهي ۽ غير شرعي ڪم ڪيو اٿئي، مان توسان ڪيئن پرچان؟ گناهہ يا منهنجو حق جيڪو تنهنجي ذمي هيو اهو توکي بخشيم بخشيم، مگر "**رضاء الكفر كفر ورضاء المعصية معصية**" (ڪفر تي راضي ٿيڻ ڪفر آهي ۽ گناهہ تي راضي ٿيڻ گناهہ آهي). ان کان پوءِ فرمايائون تہ نندي هوندي دل ۾ خيال ڪندو هيس ۽ فڪر ٿيندو، هيو تہ ماڻهن

---

[1] سورة يونس آيت 62

جا حق جيڪي منهنجي ذمي آهن اهي ڪهڙي طرح لهندا ؟ پوءِ هڪ جاءِ تي وڃي مناجات ڪيم ۽ دعا گهريم ۽ عرض ڪيم ته يا الله العالمين! مخلوق جا جيڪي حق منهنجي ذمي آهن، اهي پنهنجي فضل سان بخش ڪر ۽ معاف فرماءِ، ۽ جيڪي منهنجا حق ڪنهن ٻئي جي ذمي هيا يا آهن يا ٿيندا ته مون اهي صرف تنهنجي رضامندي ۽ خوشنودي خاطر بخشي ۽ معاف ڪري ڇڏيا ۽ آئنده جيڪو به مون کي ڪو ڇيهو پهچائيندو يا ڏکائيندو يا منهنجو حق کائيندو. ته ان کي پڻ تنهنجي رضامندي خاطر بخشيم ۽ معاف ڪيم. پوءِ ان شخص کي جنهن آزيون نيزاريون پئي ڪيون فرمايائون ته اي ادا! جيڪو به منهنجو گناهه ڪيو هيئي اهو ته هن کان اڳ توکي بخشي ڇڏيو هيم ۽ هينئر به توکي بخشيم ۽ معاف ڪيم. مگر جن سان تو جهڳڙو ڪيو آهي (۽ انهن کي رنجايو اٿئي) تن کي وڃي پرچاءِ (راضي ڪر) ڇو ته تو گناهه به ته انهن جو ڪيو آهي.

49. هڪ ڀيري حضرت جن، مرحوم مغفور ميان سراج الدين جي تعزيت لاءِ اسان جي مسجد شريف ۾ اچي ويٺا. پوءِ ٽپهري جي وقت حضرت حاتم اصم قَدَّسَ اللّٰهُ سِرَّهٗ جو نقل، پنهنجي زبان مبارڪ سان بيان فرمايائون ته: هڪ هنڌ حضرت حاتم اصم ويٺو هيو ۽ هڪ عورت به سندن پرسان اچي ويٺي. اوچتو ان عورت کان واءُ وهي ويو (جنهن ڪري ڏاڍي شرمندي ٿي پئي). پر حضرت حاتم اصم رحمة الله عليه صرف ان عورت جي پرده پوشي ڪرڻ خاطر ان کي (سندس سوال جو) جواب نه ڏنو ۽ پاڻ کي جاڻي واڻي ٻوڙو ظاهر ڪيائين. اها عورت تقريبًا ويهه ايڪيهه سال ڪن زنده هئي، تيستائين حضرت حاتم اصمؒ پاڻ کي ٻوڙو سڏايو. ان کان پوءِ ان بزرگ تي 'اصم' معنىٰ ٻوڙو لقب پئجي ويو. اي مؤمن ڀائرو! عيب پوشي ائين ڪرڻ گهرجي، جيئن مٿي ذڪر ٿيو.

50. هڪ ڀيري رات جو مؤمنن کي ارشاد ويني فرمايائون. ان مهل ٻه ٽي دولتمند سادات سڳورا قدم بوسي لاءِ آيا ۽ ڪنهن شخص کي چيائون ته حضرت جن کي اسان جو عرض ڪري واقفيت ڪراءِ. ان شخص حضرت جن جي خدمت مبارڪ ۾ (انهن دولتمندن سادات سڳورن لاءِ) عرض ڪيو. پاڻ ان کي صاف جواب ڏنائون ته توهان کي حق تعالىٰ جي ڪم ۾ دنياوي ڪم جو رخنو نه وجهڻ گهرجي. ارشاد فرمائڻ کان بعد جڏهن فارغ ٿيا ته انهن سادات کي گهرائي ساڻن بغلگير ٿيا ۽ انهن دعا لاءِ عرض ڪيو ته کين دعا فرمائي رخصت ڪيائون. ان بعد فرمايائون ته: دنيادارن کي انتظار ڪرائڻ گهرجي ته جيئن سندن حق ۾ نيڪي لکجي وڃي. بلاشڪ ويهڻ سان اثر به وٺندا پر جيڪڏهن انتظار ڪري نه ويهندا ته شرمندا ٿي اٿي ويندا ۽ وري نه ايندا.

51. هڪ دفعي فرمايائون ٿي ته: اي حق تعالىٰ جا طالبو! خدا تعالىٰ جي عشق ۾ وس آهر ڪوشش ڪريو جو عشق الاهي مهدي آهي. ڏنو ويو آهي ته ڪي طالب نفساني غرضن، سڌن ۽ خواهشن مطابق زندگي گذارين ٿا. پلي هو ڪيترو به چون ته اسان سڌون ۽ خواهشون ڇڏي ڏنيون آهن پر هو نفساني خواهشن کي سڃاڻن ئي ڪونه ٿا. مگر نفساني سڌن جو سڃاڻيندڙ هزارن ۾ ڪو هڪڙو هوندو.

52. هڪ ڀيري فرمايائون ٿي ته: ماڻهو پنهنجي پاڻ کي ولي پائين ٿا. (پر) انهن ۾ ولايت جو ڪو به اثر ڪونهي، ۽ جيڪو شخص پاڻ کي پرهيزگار پائي ٿو اهو به تقوىٰ جو صاحب نه آهي. اولياءالله کي پاڻ تي نظر نه هوندي آهي نڪي ٻين جي عيبن تي.

53. هڪ ڀيري فرمايائون ٿي ته: هڪ بادشاه جي شهر ۾ ڪنهن بزرگ جي وفات کان پوءِ سندس مسنَد تي ڪو ٻيو بزرگ مسنَد نشين ٿيو. ان بزرگ جي زيارت ۽ قدم بوسي لاءِ اهو بادشاه ڪڏهن ڪڏهن وٽس ايندو هو، پر اهو درويش بادشاه سان ڪجھ به ڳالهائيندو نه هو. بادشاه ساڻس ڳالهائڻ لاءِ

تمام گھڻو مشتاق هوندو هو. ان ولي شخص جا ڪي مائٽ بہ ئي هنڌ رهندا هيا، انهن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ اسان جو فلاڻو عزيز هيڏي وڏي مرتبي تي پهچي ويو آهي جو بادشاه بہ ساڻس ڳالهائڻ لاءِ سِڪي ٿو. پاڻ کي ان وٽ هلڻ گهرجي تہ جيئن اسان کي بادشاه کان انعام اڪرام وٺي ڏئي. اها صلاح ڪري اهي شخص ان بزرگ وٽ اچي ويٺا. جڏهن بادشاه ان پلاري شخص جي ملاقات لاءِ آيو تہ ان بزرگ بادشاه سان ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ کيس فرمايائين تہ هي (منهنجا عزيز پري کان آيا آهن) سي پنهنجو اڌ منهن ڪارو ڪري آيا آهن ۽ ٻيو اڌ مُنهن جو تون ڪارو ڪرين. تڏهن بادشاه چيو تہ جيڪو بہ انهن جو ڪم ڪار هوندو سو انشاءالله ڪندس. ان کان پوءِ بادشاه ان بزرگ کان سوال پڇيو تہ حضرتا! ڪهڙو سبب آهي جو مرجع خلق (مخلوق جي رجوعات) ٽن شخصن وٽ آهي يعني خلق ٽن شخصن ڏانهن رجوع ٿيندي آهي. هڪ بادشاهن وٽ، ٻيو ولين وٽ ۽ ٽيون عالمن وٽ. مگر وفات کان بعد ۾ ٻن جماعتن (عالمن ۽ بادشاهن) وٽ خلق جي رجوعات بند ٿي ويندي آهي. باقي ولين وٽ وفات کان بعد بہ خلق جي رجوعات رهندي آهي. جواب ۾ فرمايائون تہ اصل مرجع اهي نہ هوندا آهن، بلڪہ اسم اعظم هوندو آهي. بادشاهن کي اسم اعظم پيشاني ۾ ٿيندو آهي جيڪو مرڻ کان پوءِ ان مان سلب ڪيو ويندو آهي. عالمن کي زبان ۾ ٿيندو آهي جيڪو ان مان بہ ملڪ الموت سلب ڪري ٿو وٺي. پر اولياء الله کي دل ۾ هوندو آهي، ملڪ الموت کي طاقت نہ آهي جو اهو اولياء الله جي دل مان ڪڍي سگهي. هڪ ٻئي بزرگ حضرت جن کان سوال پڇيو تہ سائين! ظاهر جي عالمن کي ڇا هٿ آيو آهي؟ فرمايائون تہ: انهن جي نظر صرف کل تي پئي آهي ۽ کين صرف شريعت پاڪ جي (ظاهري متابعت واري) کل حقيقت جي (اصلي اخلاص واري) مغز کان خالي هٿ آئي آهي.

54. هڪ وقت فرمايائون ٿي تہ ڪنهن بزرگ خدا تعالىٰ جو خواب ۾ مشاهدو ڪيو ۽ درگاھ معلىٰ ۾ عرض ڪيائين تہ يا الاهي! تنهنجي بارگاھ ڪبريائي جي لائق سڀ ڪان وڏيڪ مناسب ۽ بهترين تحفو ڪهڙو آهي؟ جواب ۾ ٻُڌائين تہ اسان جي بي پرواهي واري دربار ۾ سڀ ڪجھ موجود آهي. مگر عاجزي، نهنائي ۽ بيوسي ڪانہ آهي. ان ڪان وڏيڪ بهتر تحفو اسان جي درگاھ معلىٰ ۾ ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي. پوءِ طالب کي جڳائي تہ هميشہ عاجزي انڪساري ۽ بيوسي کي پنهنجي عادت بنائي (جو اها الله تعالىٰ جي درگاھ ۾ وڏيڪ پسند آهي).

55. هڪ دفعي فرمايائون ٿي تہ ڪامل انسان "عالم امر" ۽ "عالم خلق" جو جامع آهي. ڪامل انسان جو دُن عرش عظيم آهي. ان ڪان مٿي پنج لطيفا آهن جن کي گڏي عالم امر چئبو آهي. ان (منزل) ۾ پهچڻ وارا. هيئن چون ٿا.

من خدايم من خدايم من خدا
فارغم از ڪبر ڪينہ و از هوا

(انهن لفظن چوڻ وارا) ان وقت مطلق حق هوندا آهن. ۽ دن ڪان هيٺ "عالم خلق" جو آهي. ان ۾ چار عناصر (مٽي، پاڻي، هوا ۽ باھ) ۽ پنجون نفس شامل آهي. اتي نفس مان مراد اها موهوم هستي (خيالي وجود) آهي جو ان (منزل) ۾ ذوق ۽ شوق جي ڪري پاڻ تي عبديت کي لازم ڪيو اٿس. نماز جي وقت اهي ڪامل مرد جيڪي "طالبُ المولىٰ مذڪر" جي مصداق هوندا آهن سي پنهنجا هٿ دُن جي هيٺان رکي پاڻ کي عالم خلق (عبديت) ۾ ڄاڻي واڻي بندگي ۽ عبوديت ۾ مشغول ڪن ٿا ۽ ڪابہ گهڙي بندگي کي نہ ڇڏيندا آهن. جيئن هي بيت آهي.

منم آن بندهء مرد تمامي
کنم با خواجگي ڪار غلامي

ترجمو: آئون ان ڪامل مرد جو غلام آهيان جو سرداري هوندي به غلاميءَ جو ڪم ڪريان ٿو.

مگر دن جي مٿان جو عالم امر آهي. اتي پانهو نه آهي، بلڪه حق آهي. زالون جيڪي ”طالب العقبىٰ مؤنث“ جي مصداق آهن سي پنهنجا هٿ سيني تي ٻڌن ٿيون ۽ پنهنجي حقيقت کي نه سڃاڻڻ ڪري اتي ۽ عالم امر جي ڪين ڪا به ڄاڻ نه آهي، سڀ جو سڀ مٽي کان پيرن تائين عالم خلق جو آهن.

56. هڪ ڏينهن فرمائي رهيا هئا ته مرد لاءِ ٽي ڪپڙا ڪفن جا آهن. جن مان مراد ڪلمو شهادت، نماز ۽ روزو آهي. ۽ زالن لاءِ پنج ڪپڙا ڪفن جا آهن جن مان مراد شهادت جو ڪلمو، نماز، روزو، حج ۽ زڪواة فرض آهي. خدا تعالىٰ جي مردن جي نماز محض خدا تعالىٰ جي ذاتي قرب ۽ حق تعالىٰ جي مشاهدي جي محبت ۽ شوق لاءِ هوندي آهي جيڪو ڪين هن ئي جهان ۾ هٿو هٿ حاصل ٿيندو آهي. ۽ نيڪ شخص، بهشت، حورن قصورن جي حصول ۽ دوزخ جي عذاب کان بچاءُ لاءِ نماز پڙهندا آهن، ڇاڪاڻ ته سندن نماز ۾ الاهي محبت ۽ ديدار حقيقي جو ڪو به حصو نه هوندو آهي. نقد (روڪڙ) کي ڇڏي اوڌر جي آسري تي مزدوري ڪندا آهن. دنيا جا طالب جيڪي ”مخنث“ (ڪدڙا) آهن سي حق تعالىٰ جي ديدار ۽ بهشت، حورن قصورن کان بي نصيب آهن، جيڪي به ڪن ٿا سو دنيا جي حاصل ڪرڻ لاءِ، باقي بهشت جي اميد ۽ دوزخ جي خوف کان گهٽ ڪن ٿا.

57. هڪڙي وقت حضرت جن فرمايو ته: حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَامُ کان جو معصيت ۽ نافرماني صادر ٿي هئي، مگر ان هوندي به هو معصوم آهي. ڇاڪاڻ ته اها نافرماني به حق سُبحانهٗ و تعالىٰ جي قرب جي ڪري ٿي هئي. جيئن جو ٻڌو هيائين ته هن وڻ کي جيڪو ڏهن ڪائيندين ته بهشت ۾ هميشه

رهندين جو ان وڻ کي "**شجرة الخلد**" چون ٿا. اها ڳالهه ڪيس ابليس لعين چئي هئي. ۽ اهو به ٻڌو هئائين ته جيڪڏهن ان وڻ مان نه کائيندين ته بهشت مان ٻاهر ايندين. اهو ٻڌي ڪٽڪ جو داڻو کاڌو هيائين جنهن ڪري کانئونس گناهه صادر ٿي پيو. ليڪن حضرت آدم **عَلَيْهِ السَّلَامُ** کي نفساني ارادو هرگز ڪونه هيو. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي: "**وَلَمْ نَجِدْ لَهُ عَزْمًا**[1]" يعني ان ۾ اسان سندس (حضرت آدم **عَلَيْهِ السَّلَامُ** جو) ارادو نه ڏٺو. داڻي کائڻ جو سبب (سندس خيال موجب) صرف اهو هيو ته متان نه کائڻ جي ڪري حق سبحانهٗ و تعالیٰ جي قرب کان پري ٿي وڃان.

ابليس لعين به سجدو ڪونه ڪيو هو، جنهن سبب جي ڪري بي فرمان ٿي پيو جو حق تعالیٰ جو امر بجا نه آندائين ۽ سندس اها نافرماني تڪبر جي ڪري هئي جو چيو هئائين ته: "**اَنَا خَيْرٌ مِنْهُ**[2]" (يعني آئون آدم **عَلَيْهِ السَّلَامُ** کان ڀلو آهيان) ان سبب جيڪري لعنتي ٿي تڙجي ويو. حضرت آدم **عَلَيْهِ السَّلَامُ** ترڪ نهي جو ڪيو هو ۽ ابليس لعين ترڪ امر جو ڪيو. انهن ٻنهي ۾ فرق آهي. جڏهن ته حضرت آدم **عَلَيْهِ السَّلَامُ** جي معصيت حق تعالیٰ جي محبت ۽ قرب سبب هئي ۽ نفساني ارادو ڪونه ڪيو هيائين تنهن ڪري ان هوندي به معصوم آهي. پر ابليس لعين امر جو ترڪ وڏائي جيڪري ڪيو هو، جو چيو هيائين ته: "**خَلَقْتَنِي مِن نَّارٍ وَّخَلَقْتَهُ مِن طِينٍ**[3]" (ترجمو: تو مون کي باهه مان پيدا ڪيو ۽ ان آدمؑ کي مٽيءَ مان بڻايو) ان سبب جي ڪري حق تعالیٰ جي بارگاهه مان تڙجي ويو. اهڙي طرح انبياء **عَلَيْهِمُ السَّلَامُ** ۽ اولياء ڪرام کان به لغزش ٿا ڪرائين ته جيئن مغفرت واري خزاني مان فائدو وٺن. ڇاڪاڻ ته مغفرت لاءِ

1 سورة طٰهٰ آيت 115
2 سورة اعراف آيت 12
3 سورة اعراف آيت 12

گناهه جو هجڻ لازم آهي. جيڪڏهن گناهه ظاهر نه ٿيندا ته مغفرت (بخشش) جا دروازا به بند هوندا ۽ بخشش جو خزانو به ته گنهگارن کي عطا ڪيو ويندو.

58. هڪ ڀيري حضرت جن فرمائي رهيا هئا ته: ڪامل اولياء الله، حق تعالىٰ جي صفتن سان سينگاريل هوندا آهن. ڪڏهن ڪٿي انهن کان ڪو گناهه ٿي به پوندو آهي ته پوءِ ان گناهه کان موٽڻ جيڪري انهن تي بارگاهه الاهيءَ مان بي انداز انعام ۽ رحمت نازل ٿيندي آهي. جيئن حضرت يوسف **عَلَيْهِ السَّلَامُ** پنهنجو سونو ٿوبو (اَن ماپڻ جو ٿانو) ابن يامين جي ان واري بوري ۾ رکائي وري ان جي ڳولا ڪرائي، ابن يامين جي ئي بوري مان ڪڍرايو هيائين. ابن يامين ماڻهن جي نظر ۾ ته چور ٿي پيو، پر حضرت يوسف **عَلَيْهِ السَّلَامُ** وٽ ياءُ هيو. اهو ٿانو کي لڪائي ان تي چوري جي تهمت لڳائڻ ڪو دشمني جي ڪري ڪونه هيو پر بن يامين سان محبت ۽ قرب جي ڪري (پاڻ وٽ رهائڻ جو حيلو) هيو.

ابن يامين را عجب حالت بنگر

در صحرا دزد و در خانه برادر

ترجمو: ابن يامين جي عجب جهڙي حالت ڏس، رڻ ۾ چور ته وري گهر ۾ ياءُ.

الله تعالىٰ جي ولين کان به جيڪا لغزش ۽ گناهه ڪرايو ٿو وڃي ان جو مثال به ان جهڙو آهي جنهن جي راز جي سمجهه ۽ خبر ڀورن جهڙن عام ماڻهن کي نه آهي.

59. هڪ ڀيري حضرت جن فرمائي رهيا هيا ته: الله تعالىٰ جي ولين جو عارضي وجود به اياز جي گودڙي مثل آهي. جنهن ان گودڙي کي پنهنجي اڳوڻي عاجزي واري حالت ڏيکارڻ لاءِ پاڻ وٽ سنڀالي رکيو هو. عارفن به بشريت واري گودڙي اهڙي طرح پاڻ تي ڍڪي آهي جيئن چوڻي آهي:

جز عجز بيچا رگي
نقدي نہ دارد خواجگي

ترجمو: سرداري لاءِ عاجزي ۽ ويچارائپ کان سواءِ ٻي ڪا روڪڙ ڪانهي.

60. هڪ ڏينهن حضرت جن فرمايو ٿي تہ: عارف شخص جو وجود گلاب جي گل مثل آهي، جنهن جي فيض جي سرهاڻ هر خاص ۽ عام جي دماغ کي (سندس دلي ارادت مطابق) پهچندي آهي. عارفن جو ڪلام وري عرق گلاب جي مثل آهي جو انهن جي وصال کان پوءِ هر هڪ شخص پنهنجي پنهنجي قابليت ۽ اهليت مطابق انهن جي فيض جي خوشبوءِ سان، پنهنجي دماغ ۽ روح کي معطر ڪندو رهندو آهي.

61. هڪ ٻيري حضرت جن پنهنجي زبان مبارڪ سان فرمايائون تہ: دنيادارن سان دوستي گهٽ ڪريو. ائين فرمائي، حضرت ميان صاحب نَوَّرَ اللّٰهُ مَرْقَدَهٗ جن کان نقل بيان فرمايائون تہ: حضرت والد معظم جن اسان کي ڪيترا ڀيرا وصيت فرمائي هئي تہ بابا دنيادارن جي اعتقاد تي ڀروسو نہ رکجو، توڙيجو هو پنهنجو. پڻ ڪُهي اوهان جي مهماني ڪن تہ بہ ڄاڻجو تہ اهو سندن پڻ جو ڪهڻ بہ ذاتي مطلب کان خالي نہ هوندن (يعني اُهي اوهان سان پوءِ بہ مخلص نہ هوندا).

62. هڪ ڀيري فرمايائون ٿي تہ: دنياوي دوستي جو مثال هن طرح آهي جيئن ڪنهن بادشاه جا بہ غلام هيا. تن مان هڪ بادشاه تي عاشق هيو (۽ ٻيو ڪنهن ڌارين عورت تي عاشق هيو). بادشاه ٻنهي کي ڪنهن ڪم سان موڪليو. جيڪو غلام بادشاه تي عاشق هيو تنهن رات ڏينهن هڪ ڪري ان ڪم لاءِ ڪوشش ڪئي تہ جيئن هي ڪم جلدي ڪري وڃي بادشاه سان ملان. ۽ هو ٻيو غلام جيڪو پرائي عورت تي عاشق هيو، سو بادشاه جي ڪم کي ڇڏي وڃي ان عورت سان وينو (۽ ائين ڪافي عرصو

گذاري ڇڏيائين). ان کان بعد بادشاهه انهن ٻنهي غلامن کي ماڻهو موڪلي پاڻ وٽ گهرايو.

(پوءِ فرمايائون ته) جيڪو غلام بادشاهه تي عاشق هيو، ان کي ٻه خوشيون مليون. جيئن حديث شريف ۾ آهي: "لِلصَّائِمِ فَرْحَتَانِ"، يعني روزائت کي ٻه خوشيون ٿينديون (هڪ روزي کولڻ وقت، ٻي خدا تعالىٰ جي ديدار وقت). اهڙي طرح ان غلام کي به ٻه خوشيون ٿيون. هڪ ته بادشاهه سان ملاقي ٿيو، ٻيو ته بادشاهه جي ڏسيل ڪم کي پوري ڪرڻ سببان بادشاهه جو وڏيڪ قرب حاصل ڪيائين (تنهن لاءِ هو ڪلندو خوس ٿيندو ۽ ڊوڙندو آيو). پر ان ٻئي غلام کي "خَسِرَ الدُّنيا وَ الاخرة" (يعني دنيا ۽ آخرت ۾ نقصان) جي مصداق ٻه غم ٿيا. هڪ ته ڪيس ان معشوقه عورت جي جدائي جو غم ۽ ٻيو بادشاهه سلامت جي ڪاوڙ جو غم. ان حالت ۾ ڇا چوندو؟ افسوس جيڪر مون کي بادشاهه جي روبرو نه وٺي وڃن ۽ هتي ئي مٽي ۾ پوري ڇڏين. "يَا لَيْتَنِي كُنتُ تُرَابًا"[1] (جيڪر ته مٽي هجان ها). انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَامُ ۽ اولياء ڪرام جو حال ۽ گمراهن جو حال به ان طرح آهي.

63. هڪ ڀيري عبدالله فقير ڪاتيار کي فرمايائون ٿي ته: انهن خيالن کان باز اچ ۽ پاڻ کي عبدالله (الله جو ٻانهو) سمجهه ۽ توبه تائب ٿيءُ ۽ هنن ڪمن کان رجوع ٿي، خداوند ڪريم جي حضور ۾ توبه ڪر. مذڪور فقير رندي ۽ قلندرانه مشرب رکندڙ هو، (بيخودي ۾) ڪڏهن نماز به ڪونه پڙهندو هو ۽ گهڻو ڪري ان حالت ۾ رقص ڪري صوفيانه ڪلام چوندو هو ۽ حضرت جن کي سڪر جي حالت ۾ پنهنجو خدا ڪري پائيندو هو. ان حالت ۾ مٿئين عاشق (عبدالله فقير) حضرت جن کي عرض ڪيو ته: اي سائين توبه ڪرڻ ۽ ڏوهه جي تهمت سر تي کڻڻ، سو مون کي ته توبه ڪرڻ کان توبه آهي. ان وقت

[1] سورة النباء آيت 40

34

وجد ۽ مستي ۾ اچي غير شرعي، ۽ شرڪ آميز شعر چوڻ لڳو. حضرت جن ڪيس فرمايو ته عارف کي گهرجي ته دُن تائين (جنهن مان مراد عرش عظيم آهي) پاڻ کي ڍڪي، ان کان مٿي اگهاڙو هجي ته جائز آهي. مگر پوءِ به ڪپڙا ڍڪڻ تقويٰ آهي.

64. هڪ دفعي خليفي محمود عليه الرحمة، جيڪو حضرت جن جو مجاز مطلق ۽ خليفو برحق هيو، حضرت جن جي حضور پرنور ۾ عرض پيش ڪيو ته حضرتا! عشق واري سڪرات ۾ نماز جيڪا مؤمن جو معراج آهي سا وسري ٿي وڃي. ڪيس فرمايائون ته: اي ادا! ان حالت ۾ اصل نماز ئي ته پاڻهي واسطي (ديدار الاهيءَ لاءِ) عينڪ ٿئي ٿي، ۽ درياھ جو (سنو) تارُو اهو هوندو آهي جيڪو ڇولين ۾ پنهنجون اکيون ۽ ڪن ٻڏڻ نه ڏئي.

65. هڪ ڏينهن حضرت جن مسجد شريف کان پنهنجي حويلي ڏانهن اچي رهيا هئا. رستي تي (پنهنجي) صاحبزادي ميان محمد ياسين شاھ (اول) کي (جيڪي ننڍڙا هيا) مٿي ۾ پريل ڏسي وٺس ويهي، سندس منهن ۽ مٿو صاف ڪري هنج ۾ ويهاريائون. ان ئي مهل ڏٺم ته حضرت جن جي منهن مبارڪ جو رنگ بدلجي ويو. پاڻ واپس ٿي مسجد شريف ۾ مراقبو ڪري ويهي رهيا. ايتري ۾ ڪنهن ماڻهو اچي ٻڌايو ته صاحبزادي ميان محمد ياسين کي الائي ڇا ٿي ويو آهي جو پنهنجي هوش ۾ ڪونهي ۽ سڪرات واري حالت ٿي وئي اٿس (تنهن ڪري) حضرت جن کي هلڻ گهرجي. مگر حضرت جن پنهنجي منهن مبارڪ کي مراقبي مان مٿي ئي نه ڪنيو. ايتري ۾ ٻه ٽي ٻيا ماڻهو به حضرت جن کي سڏڻ لاءِ آيا. نيٺ صاحبزادي جي وفات جي خبر آئي. پوءِ پاڻ مراقبي مان مٿو مبارڪ کڻي شڪراني جو نفل پڙهيائون. سلام کان پوءِ جماعت ڏانهن منهن مبارڪ ڪري ويٺا ۽ فرمايائون ته اي پائرو! محبوب جي حالت کي زبان سان ٻڌائڻ ته مشڪل آهي. پر اوهان جي هدايت خاطر توهان کي ڪجھ ٻڌايان ٿو جو الله تبارڪ و تعالیٰ جي ذات پاڪ ايتري ته غيرت واري آهي جو جيئن سرور عالم ﷺ جن

فرمايو آهي تہ: آئون غيرت وارو.آهيان ۽ مون کان وڌيڪ خدا تعاليٰ کي غيرت آهي. هڪ گهڙيءَ ۾ رب العزت ايتري تہ غيرت ۾ اچي ويو جو اوهان پاڻ ڏٺو. جن ماڻهن مال، عيال ۽ پنهنجي جان سان ايتري دل لاتي آهي سي (محبت الاهيءَ جي) ڪهڙي حجت ڪندا ؟ ائين فرمائيندا رهيا ۽ اکين مبارڪن مان موتين جهڙا لڙڪ ڳاڙيندا رهيا ۽ جملہ جماعت بہ روڄ ۽ راڙي، وجد ۽ مستي ۾ مستغرق هئي. ڪافي وقت گذري ويو آهي پر زبان ان حسن بيان (جي ڪيفيت) بڌائڻ کان گونگي آهي. گهڻي وقت کان پوءِ پاڻ اٿيا ۽ صاحبزادي جي ڪفن دفن وغيره ۾ شامل ٿيا.

66. هڪ ڀيري حضرت جن سوئي شريف جي مسجد شريف ۾ جناب محبوب سبحاني سيّد صاحب ميان حسن شاھ جيلاني (جيڪو حضرت جن جي وڏن خليفن ۽ پيارن مريدن مان هو) وٽ صبح جي نماز کان بعد جماعت جي سامهون ويٺا هئا. اوچتو سيد صاحب جون اکيون مبارڪ پاڻي سان پرجي آيون ۽ سندن منهن مبارڪ ڳاڙهو ٿي ويو. جوش ۾ اچي چوڻ لڳو تہ حضرتا! اڄ مون کي اجازت ڏيو تہ آئون اعلان ڪريان تہ سڀئي ماڻهو اوهان جي زيارت فيض بشارت هن هنڌ ڪن ۽ جنهن بہ اڄ اوهان جي زيارت ڪئي ۽ اوهان کي ڏٺائين، تنهن تي دوزخ جي باھ حرام آهي. حضرت جن مرڪي فرمايو تہ اي محبوب! اها تہ اوهان جي ولايت آهي. جڳائي تہ ائين ٿو جو توهان ئي پنهنجو منهن مبارڪ خلق کي ڏيکاريو. سيد صاحب عرض ڪيو اي محبوب! منهنجو ايمان ۽ عقيدو اوهان ئي آهيو، آئون ڇا آهيان ۽ ڪير آهيان جو پنهنجو منهن ڏيکاريان. آئون تہ اوهان جي ئي ذات والاصفات جي ڪمترين ۽ ننڍڙن غلامن مان هڪ غلام آهيان. آخر پاڻ سيد صاحب جي رضا لاءِ اجازت ڏيڻ فرمايائون. سيد صاحب جوش ۾ اٿي بيهي پڙهو پيو ڏنو تہ اي خدا پاڪ جا ٻانهو! اچو ۽ اچي منهنجو محبوب ڏسو، پاڻ تي دوزخ جي باھ حرام ڪرايو. ان اعلان تي خلق جو

ايترو ته انبوهه اچي گڏ ٿيو جو ويهڻ جي جاءِ نٿي ملي. صبح کان وٺي ويندي اڳين نماز تائين حضرت جن مسجد شريف ۾ واعظ ۽ نصيحت فرمائڻ ۾ مشغول ويٺا رهيا ۽ فرمايائون ٿي ته: فقير ڇا آهي؟ اهو ته مٽي جي مثل آهي، جيڪا ڪٿي سٺي پاٽي ۾ پسائبي آهي. فقير کي جڳائي ته مال عيال، بلڪه نفس کان به بيزار هجي. ڪيترائي الله تعالىٰ جا اهڙا بندا آهن جيڪي ڪنهن کي به نه رنجائيندا آهن. پر ڪي ٿورا اهڙا هوندا جيڪي ڪنهن جي رنجائڻ سان رنج نه ٿين.

67. هڪ ڀيري حضرت جن رياست بهاولپور (جي حدود) ۾ رستي سان جماعت سميت وڃي رهيا هيا. رياست جي نواب جو هڪ ملازم خانپور شهر (غالبًا خانپور ڪٽورا) کان ٻاهر پنهنجي اٺ جي ڳولا ۾ پئي ويو. اوچتو ان جي نظر حضرت جن جي جماعت تي پيئي. تڏهن ان شخص اچي حضرت جن جي ذات والاصفات جي قدم بوسي ڪئي ۽ ڪجهه پنڌ پيادل حضرت جن سان گڏجي هليو. ان کان پوءِ (واپس ٿيڻ جي) موڪل گهريائين. حضرت جن ان کي فرمايو ته: اي ادا! ڪيترا ڏينهن اٺ جي طلب ۾ رهندين؟ ڪم اهو ڪر، جيڪو سياڻي ڪم اچيئي. هي جيڪا حياتي آهي سا انسان کي غنيمت ڪري ڏني وئي آهي. پنهنجي دل کي هن ڪميڻي دنيا کان ڇني مضبوط يقين ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي دين سان محڪم ٻڌڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح ڳچ تائين فرمائيندا رهيا، تان جو ان ملازم جو منهن بدلجي ويو ۽ جوش ۾ اچي بيهوش ٿي ويو. ڪجهه وقت تائين غش پيو هو ۽ حضرت جن به گهوڙي تي بيٺا رهيا. جڏهن اهو ملازم هوش ۾ آيو ته مريد ٿيڻ لاءِ عرض ڪيائين. حضرت جن به کيس اتي (سلسلي ۾ داخل فرمائي) مريد ڪيو. ان کان پوءِ اهو شخص خانپور جي اوسي پاسي ۾ حضرت جن سان گڏ هيو. پوءِ اجازت وٺي هليو ويو. ڳالهه ٿا ڪن ته حضرت جن جي اجازت کان پوءِ اهو شخص وري شهر ۾ (واپس) نه ويو ۽ اتي ئي جهنگل ۾ حجرو ناهي ويهي رهيو. جيستائين جيئرو هيو ته ياد الاهيءَ ۾

مشغول رهيو ۽ انساني ضرورت کان سواءِ ان حجري مان ٻاهر نه نڪتو. تان ته وفات کان پوءِ سندس لاش حجري مان ٻاهر ڪڍيائون.

68. هڪ وقت حضرت جن مون کي فرمايو ته اي ادا محمد حسين! فقير، دانشمند ۽ صوفي ڪنهن کي چوندا آهن ۽ درويش، زاهد ۽ عارف ڪير آهي؟ مون عرض ڪيو ته حضرتا! اوهان سمجهايو جو ڪل عقل اوهان جي ذات مبارڪ آهي، هن ٻندي تي مهرباني فرمائي ڪجھ سمجهايو. فرمايائون ته فقير ۾ چار حرف (ف، ق، ي، ر) آهن. ف مان مراد فاقو ڪڍڻ، ق مان مراد قيام شب، رات جو جاڳڻ ۽ ڏينهن جو عبادت ڪرڻ مراد آهي. ۽ ي مان مراد هر هڪ ۾ يقين ڪرڻ ۽ ر مان مراد آهي ته خداوند ڪريم جي رحمت ۾ اميدوار هجڻ گهرجي.

دانشمند ۾ ست حرف (د، ا، ن، ش، م، ن، د) آهن. د معنيٰ دنيا کي ٽي طلاقون ڏئي، الف معنيٰ آخرت کي طلبي، ن معنيٰ نصيحت چوند ڙ هجي، ش معنيٰ شريعت محمدي ﷺ لاءِ ڪوشش ڪري، م معنيٰ مسڪين ٿي زندگي گذاري، ن معنيٰ نشست برخواست (تعلق) خدا تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن ٻئي سان نه رکي ۽ د معنيٰ دين جي حفاظت ڪري.

صوفي ۾ چار حرف (ص، و، ف، ي) آهن. ص معنيٰ اندر جو صادق هجي، و معنيٰ وفا ڪندڙ قول جو هجي، ف معنيٰ فاني نفس هجي ۽ ي معنيٰ ياري (مدد) خدا تعاليٰ کان طلبي.

درويش ۾ پنج حرف (د، ر، و، ي، ش) آهن. د معنيٰ دنيا کي طلاق ڏئي، ر معنيٰ دنيا جو رنج سهي، و معنيٰ وجه حلال يعني حلال روزي حاصل ڪري، ي معنيٰ ياري (مدد) خدا تعاليٰ کان طلبي ۽ ش معنيٰ شريعت محمدي ﷺ تي عمل ڪري.

زاهد ۾ چار حرف (ز، ا، ه، د) آهن. ز معنىٰ زينت ترڪ ڪري ڇڏي، الف معنىٰ آخرت کي اختيار ڪري، ه معنىٰ هواءِ نفس يعني نفساني سڌون ڦٽي ڪري ۽ د معنىٰ دنيا کي طلاق ڏئي.

عارف ۾ چار حرف (ع، ا، ر، ف) آهن.ع معنىٰ عالي همت هجي، الف معنىٰ الله پاڪ کي ياد ڪري، ر معنىٰ هر حال ۾ راضي هجي ۽ ف معنىٰ فارغ جهان ۽ خلق کان هجي.

69. هڪ دفعي حضرت جن سان گڏ ٽي جي سفر ۾ پئي وياسون. رستي ۾ ڪجھ ماڻھو ڊوڙندا آيا ۽ حضرت جن جي قدم بوسي ڪري سندن سواري مبارڪ جي واڳ کي وٺي پنهنجن گهرن ڏانهن ڇڪي، دعوت ۽ مهماني کائڻ لاءِ منٿون ڪرڻ لڳا. حضرت جن به انهن جي دلجوئي خاطر خاموش رهيا ۽ انهن سان گڏ سندن ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيا. تنهن تي ان علائقي جي ڪجھ معتبر مريدن حضرت جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! هي ماڻهو چور آهن. ڦر، چوري ڪرڻ ۽ حرام کائڻ کان سواءِ انهن جو ٻيو ڪوبه ڪم ڪونه آهي. ان قوم جو ڪم ئي اهو آهي، تنهن ڪري انهن جي دعوت ۽ مهماني قبول نه فرمايو. حضرت جن جواب ۾ فرمايو:

مرد عارف را نمي دارد زيان
گر خورد او زهر قاتل را عيان

ترجمو: جيڪڏهن عارف مرد قاتل زهر کائيندو. ته به اهو ان کي نقصان نه ڏيندو.

۽ فرمايائون ته باري تعالىٰ جي مرضي هيئان جيڪو راز مخفي ۽ پردي اندر آهي سو جلد پنهنجي حجاب (پردي) مان ظاهر ٿيندو. پوءِ سڀني ڪٺي مان ڪٽي ۽ پاڻ اوڏانهن روانا ٿيا ۽ دعوت قبول فرمايائون. دعوت کان پوءِ ان ڳوٺ جا سڀ ننڍا وڏا، مرد ۽ عورتون چوري ۽ سڀني گناهن کان سچي دل سان توبه تائب ٿيا ۽

حضرت جن جي بيعت ڪري مريد ٿيا. حضرت جن فرمايو ته هڪ دل کي خدا تعالىٰ جي راهه تي آڻڻ سؤ سال جي حلال ڪائڻ کان بهتر آهي.

بيت

دل بدست آور که حج اکبر است

از هزاران کعبه يک دل بهتر است

ترجمو: دل هٿ ڪر (دل جو حضور هٿ ڪر) جو اڪبري حج اهو ائين. هزارين ڪعبن (جي عبادت) کان هڪ دل (جو حضور هٿ ڪرڻ) بهتر آهي.

فرمايائون ته جيڪڏهن هي هڪ مشتبه يعني شڪ وارو لقمو نه کائون ها ته هي هيترين سارين دلين ڪيئن هٿ ڪريون ها. اميد ته منهنجي ان هڪ خطا کي هيترين سارين دلين کي خدا تعالىٰ جي راهه تي آڻڻ جي عيوض ضرور بخشيو ويندو.

شنيدم که در روز اميد و بيم

بدان را بنيکان ببخشد کريم

يعني: ٻڌو اٿم ته قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ نيڪن جي طفيل ٻچڙن کي به بخشي ڇڏيندو.

قرآن مجيد ۾ آهي: ”وَ آخَرُونَ اعْتَرَفُوا بِذُنُوبِهِمْ خَلَطُوا عَمَلًا صَالِحًا وَّ آخَرَ سَيِّئًا عَسَى اللّٰهُ اَن يَّتُوبَ عَلَيْهِمْ اِنَّ اللّٰهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ[1]“ ترجمو: ۽ ڪجهه ٻيا (ٻانها) آهن جن پنهنجي گناهن جو اقرار ڪيو ۽ ملايائون هڪ ڪم سنو ۽ ٻيو خراب. قريب آهي الله انهن جي توبه قبول ڪندو. بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي.

[1] سورة التوبه آيت 102

70. هڪ ڀيري حضرت جن سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ ويهي درياهه ٽپي رهيا هياسون. ڪي ماڻهو درياهه جي پرين پر ٻيڙي جي انتظار ۾ بيٺا هيا (اسان ٻيڙيءَ مان ڏسي رهيا هئاسون ته) اهي ماڻهو حضرت جن جي ٻيڙي کي ايندو ڏسي خوش پئي ٿيا. ان وقت پاڻ پنهنجي زبان وحي ترجمان سان فرمايائون ته شال مون کي به الله سبحانهٗ و تعالىٰ جي وصال جي اهڙي خوشي حاصل ٿئي.

71. هڪ ڏينهن حضرت جن فرمايو ٿي ته الله تبارڪ و تعالىٰ جي ديدار فرحت آثار لاءِ ڪوشش ڪريو. ان کان بعد هڪ نقل مثال طور بيان فرمايائون ته هڪ بادشاهه هو جنهن هڪ باغ تيار ڪرڻ جو حڪم ڪيو. جڏهن باغ نهي راس ٿيو ته ان ۾ قسمين قسمين ميوا گل هيا. وري بادشاهه حڪم ڪيو ته ان باغ ۾ محلاتون ناهي، انهن ۾ خزانا، ڳائڻيون، نچڻيون ۽ عيش عشرت جو سامان ۽ ٻيون قيمتي شيون موجود ڪيون وڃن. ان کان پوءِ بادشاهه سموري لشڪر کي گهرائي چيو ته آئون هن باغ جي اندر لڪي ٿو وڃان اوهان سڀئي ڪوشش ڪري مون کي ڳولي لهي ڏسو. جڏهن بادشاهه ان باغ ۾ لڪي ويو ته سڀئي بادشاهه کي ڳولڻ لاءِ ان باغ ۾ ويا. جڏهن ان باغ اندر طرحين طرحين نعمتون ڏٺائون ته ڪائنن بادشاهه جي ڳولا ڪرڻ ئي وسري وئي ۽ هو انهن نعمتن ۾ مست ٿي ويا. ڪي دنيا ۽ تونگري ۾ لڳي ويا ۽ ڪي ڳائڻين ۽ نچڻين ۾ ته ڪي وري گلن جي نظارن ۾ ته ڪي ميون کائڻ ۾ مست ٿي ويا. پر جيڪي بادشاهه جا سچا عاشق ۽ سندس محبت ۾ فنا هئا تن باغ جي ڪنهن به دل فريب ۽ سهڻي کان سهڻي شيءِ ڏانهن نهاريو به ڪين ۽ پنهنجي اکين ۾ ”ما زاغ البصر“ وارو سرمو پائي بادشاهه جي حضور ۾ پهچي سندس وصال ماڻيائون. باقي جيڪي اڌورا عاشق ۽ بادشاهه جي رعب تاب کان ڊڄندڙ ۽ مطلبي هيا تن ٿورو گهڻو باغ جو نظارو به ڪيو ۽ بادشاهه کي به وڃي لڌائون. باقي ٻيا جيڪي رڳو باغ جي نعمتن ۾ مست هيا تن ڪجهه به نه ڪيو. ايتري ۾ بادشاهه پنهنجي پردي واري جاءِ مان نڪري جلوه افروز ٿيو. جيڪي سندس سچا عاشق هئا تن کي اهو

سمورو باغ حوالي ڪري ڇڏيائين ۽ پاڻ به انهن کان راضي ٿيو. جيڪي اڏورا عاشق يا مطلبي هيا تن کي سزا ۽ دڙڪن دهمانن کان پوءِ ان باغ ۾ رهڻ لاءِ هڪ ڪنڊ ملي. باقي جن باغ ۾ رڳو عيش عشرت کان سواءِ ٻيو ڪجھ به نه ڪيو هيو تن کي باغ کان محروم ڪري عذاب واري جاءِ ۾ بند ڪري ڇڏيائين ۽ بادشاھ کائن سخت ناراض به ٿيو. (ان مثال کان بعد فرمايائون ته) ظاهر آهي ته هي جهان به خدا تعالىٰ جو مجازي باغ آهي، جنهن ۾ حق سُبحانهٗ و تعالىٰ جي ذات اقدس پوشيده آهي ۽ ان کان ٻاهر نه آهي. جيڪو سندس جستجو ڪندو ته اهو ضرور لهندو. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي: "وَ اَن لَّيۡسَ لِلۡاِنسَانِ اِلَّا مَا سَعیٰ[1]" يعني انسان جي هٿ ۾ صرف ڪوشش آهي. اهڙيءَ طرح قدسي حديث ۾ آهي: "مَن طَلَبني وَجدَني" يعني جيڪو مون کي طلب ڪندو سو مون کي لهندو. مٿئين مثال موجب هن جهان جي ماڻهن جا به ٽي قسم اهن. عاقل، نيم عاقل، ديوانا. عاقل اُهي عارف باالله ڪامل مڪمل شخص آهن، جيڪي الله تعالىٰ جي محبت ۽ معرفت کان سواءِ ڪجھ به نه گهرندا آهن. نيم عاقل اهي صالح ٻانها آهن جيڪي دوزخ جي خوف ۽ بهشت جي آسري تي صالح عملن سان پنهنجو مطلب لهندا آهن. ديوانا اهي ڪافر ۽ سڌ ڙيا آهن جن دنيا جي لذتن ۽ دنوي ڪاروبار کي ئي سڀ ڪجھ سمجهيو آهي (۽ ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي حياتي وڃائي ڇڏي اٿن). جڏهن قيامت جي ڏينهن حق سبحانهٗ و تعالىٰ پنهنجي حجاب واري پردي کان ظاهر ٿي پنهنجو ديدار ڪرائيندو ته پوءِ سڀني انسانن جي حالت به ان بادشاھ ۽ ان جي لشڪرين واري مٿئين مثال وانگر ٿيندي.

---

[1] سورة النجم آيت 39

72. هڪ دفعي حضرت جن جي حضور ۾ ويٺا هئاسون ته ٻن فقيرن پاڻ ۾ ڪنهن ڳالهه تي بحث ڪيو. تنهن تي پاڻ فرمايائون ته: فقيري ان طرح نه هوندي آهي. فقيري خاڪ ٿيڻ آهي جيڪا ڪٺيل سٽيل ۽ پاٽي ۾ پسيل هجي.

73. هڪ پيري فرمايائون ته: ولي ڪنهن کي نه رنجائيندا. آهن ۽ اهڙا ته گهڻا آهن، پر ڪي ٿورا اهڙا هوندا جيڪي ڪنهن ٻئي جي رنجائڻ سان رنج نه ٿين.

74. هڪ وقت سندن صحبت ۾ ويٺو هيس. پوءِ فرمايائون ته: مرشد ڪامل جي حضور ۾ دل کي حاضر ڪري ويهجي. جيڪڏهن دل حاضر نه ٿئي ته نه ويهجي (جو اهڙي کي فيض نه ملندو) ۽ بي نصيب رهجي ويندو. پوءِ هي بيت فرمايائون:

آگم ڪيو اچن، سچڻ ساڻون مينهن جيئن،
پاسي تن وسن، جي سڀ ڇماڇر سڪيون.

ان ڪان پوءِ مثال ڏنائون ته جيڪڏهن گهور گهوربي ته ان مان حصو ان کي ملندو جيڪو ڪپڙو وڇائيندو ۽ جيڪو غافل ٿي ڪپڙو نه جهليندو. سو ان گهور کان بي نصيب رهجي ويندو.

پوءِ فرمايائون ته هڪ ڏينهن هڪڙو بادشاهه ڪنهن ولي جي زيارت جي ارادي سان روانو ٿيو. ولي سڳوري جي دربار ۾ جيڪي به صحبتي ويٺل هيا سي بادشاهه جو ٻڌي، سڀئي ان ولي جي ڪچهري ڇڏي بادشاهه کي ڏسڻ لاءِ ٻاهر هليا ويا. مگر هڪڙو فقير جيڪو اکيون اکين ۾ اڙايو بزرگ جي ديدار ۾ مست ويٺو هيو ۽ درويش کان پري نٿي ٿيو تنهن کي درويش فرمايو ته تون به بادشاهه جي اڳ تي وڃ. تنهن تي ان فقير هي بيت پڙهيو:

بيت

همہ شهر پر ز خوبان من در خيال ماهي
چہ کنم کہ چشم بدخو نہ کند بکس نگاهي

يعني: سارو شهر سهڻن سان پريل آهي مگر آئون پنهنجي هڪڙي محبوب جي خيال ۾ آهيان. پنهنجي بڇڙي عادت واري اک کي ڇا ڪريان جيڪا هڪ محبوب کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڏانهن نهاري ئي ڪانہ ٿي.

75. هڪ دفعي حضرت جن جي صحبت ۾ ويٺو هيس. پنهنجي زبان مبارڪ سان نقل بيان فرمايائون تہ: هڪ رات احمد شاه (ابدالي) پنهنجي وزير سان حضرت مخدوم صاحبؒ جي زيارت لاءِ پريان لوءِ شريف آيو. حضرت مخدوم صاحبؒ پنهنجي هڪ فقير سان گڏجي شهر کان ٻاهر اچي بادشاه سان ملاقات ڪري هيٺ زمين تي ويهي رهيا ۽ احمد شاه ابدالي بيٺو رهيو. ان کان بعد بادشاه جي وزير پنهنجو ڪپڙو وڇايو پوءِ بادشاه ان ڪپڙي تي ويهي رهيو. تنهن تي فقير جيڪو حضرت مخدوم صاحبؒ سان گڏجي آيو هيو، تنهن هي بيت پڙهيو:

نڪي ٻانهڙين ۾ نڪي منجهہ ڪنن،
محب پايو من، ٿي ملي مالا تن کي.

76. هڪ دفعي هڪ فقير حضرت جن جي ڪپڙي مبارڪ جي دامن وٺي سندن حضور ۾ عرض ڪيو تہ: دامن لڳي جو ننگ توهان تي آهي. ان فقير کي فرمايائون تہ هي دامن وارو ڪپڙو نيٺ فنا ٿي ويندو. دامن اها نہ آهي. دامن هي آهي تہ اوهان متابعت (تابعداري) واري دامن کي سچي ارادي ۽ ڪامل اعتقاد سان مضبوط ڪري وٺو جيڪا ڪڏهن بہ فنا نہ ٿيندي.

77. هڪ وقت فرمايائون تہ: خدا تعالىٰ جي طالب کي جڳائي ٿو تہ هر گھڙي هر پَلڪ الله تعالىٰ جي يادگيري کان غافل نہ ٿئي. جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي

ڪنهن پياري عزيز کي ان جي ٻاهر وڃڻ وقت هميشه ياد پيو ڪندو رهندو آهي، تيئن خدا تعاليٰ کي ياد ڪجي.

سرور عالم ﷺ جن فرمايو آهي: **اَنَا غَيُورٌ وَاللّٰهُ اَغْيَرُ مِنِّي**، يعني آئون غيرت وارو آهيان ۽ الله تعاليٰ مون کان وڌيڪ غيرت وارو آهي. بيت:

اکيون سي ئي ڏار، جنهن سان پسين پرينءَ کي،
ٻئي ڏي ڪيم نهار، راول ريسا ڙو گهڻو.

يک چشم زدن غافل زان ماه نباشم
ترسم که نگاهي کند آگاه نباشم

يعني: هڪ اک ڇنڀڻ جيترو به پنهنجي چنڊ (جهڙي محبوب حقيقي) کان غافل نه ٿيندس، ڊڄان ٿو ته متان اوچتي نگاهه ڪري ۽ مون کي خبر نه پوي.

78. هڪ وقت سندن فيض پري صحبت ۾ ويٺو هيس. تڏهن فرمايائون ته: مجازي عشق جي تعريف جڏهن ته زبان سان نٿي ڪري سگهجي پوءِ حقيقي عشق جي ڳالھ زبان سان ڪيئن ٿي سگهندي؟ ان کان بعد هڪ نقل بيان فرمايائون ته به پينر هيون تن هڪ ٻئي سان واعدو ڪيو هو ته اسان ٻنهي منجهان جيڪا اڳ ۾ پرڻبي سا ٻي پيڻ کي نڪاح جي لذت جي خبر ٻڌائيندي. جڏهن انهن مان هڪ جي شادي ٿي وئي ته ٻي پيڻ کانئس پڇيو ته اي ادي! ٻڌاءِ ته نڪاح جون لذتون ڪيئن هونديون آهن؟ تنهن تي ان چيو ته اي منهنجي پيڻ! اهي لذتون زبان سان بيان نٿي ڪري سگهان. جڏهن تون نڪاح ڪندينءَ ته ان وقت توکي انهن جي خبر پوندي. اي يارو! جڏهن مجاز جي لذتن کي زبان سان بيان نٿو ڪري سگهجي ته حقيقي لذت کي زبان سان ڪيئن چئي سگهبو؟

79. هڪڙي وقت مسجد شريف ۾ فقيرن سان صحبت دوران زبان مبارڪ سان نقل بيان فرمايائون ته: هڪڙي ولي شخص پنهنجي جاءِ تي پنهنجي ڪپڙن مان جُون وڃڻ ڪيون. ان دوران هڪڙو بادشاهه پنهنجي

وزير سان گڏجي ان ولي جي زيارت لاءِ سندس دروازي تي آيو. هڪڙو مريد ان بزرگ سان گڏ ويٺو هو، تنهن جو بادشاهه کي ايندو ڏٺو ته خوشي مان رڙ ڪري چيائين ته: سائين! بادشاهه بيٺو آهي. تنهن تي مريد کي ان بزرگ چيو ته آئون سمجهان ٿو ته شايد ڪا وڏي جون لڏي اٿئي تڏهن خوش ٿيو آهين. ان کان پوءِ بادشاهه ۽ وزير ٻئي ڄڻا ان بزرگ جي اڳيان اچي ويٺا پر بزرگ پنهنجي حال ۾ جيئن جو پير ڊگها ڪيو ويٺو هو تنهن بادشاهه ڏانهن واجهايو به ڪين. (وزير کي ان ڳالهه تي مٺيان لڳي ته هي درويش بادشاهه ڏانهن واجهائي به ڪين ٿو تنهن تي) وزير ان بزرگ کان پڇيو ته اي فقير! اوهان ڪڏهن کان پير ڊگها ڪيا آهن؟ بزرگ فرمايو ته ان ڏينهن کان جڏهن کان اسان طمع جو هٿ ڪوتاهه ڪيو آهي.

80. هڪ دفعي حضرت جن قدّس اللّٰهُ سِرّهُ المقدس جي صحبت ۾ ويٺو هيس. زبان دُرافشان سان فرمايائون ته: حق تعالىٰ جي طالب کي گهرجي ته جلال ۽ جمال جي حالت ۾ خوش هجي ۽ خوشي ۽ غمي ۾ به هڪ جهڙو هجي. ان کان بعد هي بيت پڙهڻ فرمايائون:

سدا سُور نه هُون، گُوندَر وجن گذري،
اوکايُون عاقل چوي، پَرکا ڪا رڻ پُون،
چڱا ائين چُون، ته در نه مَٽجي دوست جو.

81. هڪ وقت فرمائي رهيا هئا ته: الله تعالىٰ جي ولين جا گهڻائي قسم آهن. هڪڙا انهن مان "عزلتي" (يعني گوشه نشيني ڪندڙ) هوندا آهن، جيڪي پاڻ کي هر حالت ۾ گمنام ۽ لڪل رکندا آهن. ان کان بعد هڪ نقل بيان فرمايائون ته: هڪ اهڙي قسم وارو ولين مان ننڊ ۾ هو، جنهن کان ننڊ جي حالت ۾ زبان تي الله جو اسم بلند آواز سان جاري ٿي ويو. صبح جي وقت ان کي سندس زال ٻڌايو ته رات ننڊ ۾ تنهنجي زبان مان هن طرح بلند آواز سان مون الله پاڪ جو اسم مبارڪ ٻڌو آهي. ان ڳالهه ٻڌڻ شرط کيس افسوس ٿيو ته هي

مون کان چا ظاهر ٿي پيو آهي ۽ (ان افسوس ۾) هو گذاري ويو. ان کان پوءِ سندس پيڻ ان جي وفات جي خبر ٻڌي آئي ۽ اچي چيائين ته هن ڪچي لاءِ ڪهڙي طرح روئان، جو هي اجا ڪچو هيو. چاڪاڻ ته پاڻ کي خواب ۾ خوار ڪري وڌائين.

82. هڪڙي وقت مسجد شريف جي اڳڻ ۾ فقيرن جي جماعت سان صحبت ويٺي فرمايائون. ان دوران فرمايائون ته: الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي: "**لَن تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّىٰ تُنفِقُوا مِمَّا تُحِبُّونَ**[1]" يعني توهان هرگز ڀلائي کي نه پهچندؤ جيستائين خدا جي راهه ۾ پنهنجي پياري شيءِ کي خرچ نه ڪندؤ. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

مال جان را تو برو يکجا باز
راه نزديکست چرا کردي دراز

يعني: مال ۽ ساهه ٻئي گڏي گھور ڪر، رستو ته ويجهو آهي پر تو ان کي چو ڊگھو ڪيو آهي؟

83. هڪڙي وقت صحبت دوران هيءَ وصيّت فرمايائون: **اَلصَّبرُ مِفتاحُ الْفَرَجِ**. يعني صبر خوشيءَ جي ڪنجي آهي. ان کان بعد پنهنجي زبان وحي ترجمان سان هينيان بيت پڙهيائون:

1

صبر جن جو سير، ٿير نه گسي تن جو.

2

لائي ترار لا جي، ڪٽي خچر کي هڻ،
سَڌن جون سيّد چوي، وَڍون سڀ وڪڻ،

[1] سورة آل عمران آيت 92

پير تنهان پوءِ ڪڻ، ته هلڻ ۾ هورو ٿئين.

3

هي هي جو هڪدم، اَجَل ڪان اَڳي مرين،
مرتبو تنهنجو مرشد چوي، تهڙو ٿئي اُتم،
ڪيو ادريس اهڙو ڪم، ته جوڳو جنّت جو ٿيو.

4

اوپر ڏانهن ٿي اپريو، ته ڪڪر لاٿي ڪس،
سائدي جو سيّد چوي، هت رهڻ ڪونهي رس،
اتي نيئي وس، جاٿي ساڪِن منهنجا سپرين.

وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِينَ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِينَ.

ملفوظات شريف صغير مسمىٰ صحبتنامہ (فارسي) جو ترجمو بتاريخ 10 رمضان المبارڪ سن 1411ھ مطابق 27 مارچ سن 1991ع اربع جي رات هڪ بجي پورو ٿيو.

مفتي عبدالرحيم سڪندري

ملفوظات شريف ننديءَ جي سنڌي ترجمي نالي "صحبت سپيرين جي" جي ڪمپوزنگ بتاريخ 15 مئي 2006ع اڱاري جي رات جو 12 بجي مڪمل ٿي.

عبدالرحيم نظاماڻي